[شاعري]

آءُ تہ ڪي سپنا اٹون

الطاف انصاري

[شاعري] آءُ تہ ڪي سپنا اٹون

الطاف انصاري

383

24/11

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوڀار

صاحب خان ’سورهه‘ ميرائي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

آءُ تہ ڪي سپنا اُڻون

(شاعري)

الطاف انصاري

ڪونج اڪيڊمي ڪراچي

Soorih Mirani

كتاب نمبر 000

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري ۽ ليکڪ وٽ محفوظ آهن. پبلشر ۽ ليکڪ جي اجازت کان سواءِ ڪتاب جو ڪو به حصو ڪاپي يا شايع نه ٿو ڪري سگهجي.

آءُ ته ڪي سپنا اڻون (شاعري)

شاعر: **الطاف انصاري**

ڇاپو پهريون: 2024ع

تعداد: 1000 ڪاپيون

ڪمپوزنگ: ذلفي چاچڙ

لي آئوٽ: ظفر آفتاب

ٽائيٽل: عرفان ميمڻ

قيمت: 700 رُپيا

ڇپيندڙ: ايچ اينڊ آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ

ڇپائيندڙ: **ڪونج اڪيڊمي، ڪراچي سنڌ**

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

پيڪاڪ ڪتاب گهر

ڪراچي: رفيق سينٽر، زينب مارڪيٽ صدر قمر آفتاب: 0300-2152634

حيدرآباد: عبرت پريس واري گهٽي ديدار شاد گوپانگ: 0304-3018400

لاڙڪاڻو: پرگڙي پلازه جي سامهون: ڪامران شيخ : 0315-3578801

خيرپور: تهذيب نيوز ايجنسي: عمران عباس: 0308-3475569

سکر: الفتاح نيوز ايجنسي: اشفاق احمد : 0300-3293790

دادو: مدني ڪتاب گهر: شوڪت کوکر : 0307-3508886

نوابشاه: سليمان برادرز: فاران ميمڻ: 0312-3637001

Soorih Mirani

ارپنا

پنهنجي والد نظير احمد انصاريءَ جي نانءُ
جيڪو منهنجي عقلي ۽ فڪري سرمائي جو سرچشمو آهي

پنهنجي والده جي نانءُ
جيڪا منهنجي سادگي ۽ سڀاجهائي جو سرچشمو آهي

Soorih Mirani

اداري پاران

جديد ٽيڪنالاجي واري هن دؤر ۾ ڪيترائي ماڻهو ان خيال جا آهن تہ صدين کان هلندڙ ڪتابن جي دؤر جي پڇاڙي ٿي چڪي آهي. هاڻ اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب ويڙهجي سيڙهجي موبائل جي گئلري ۾ سمائجي ويا آهن. ان لاءِ ماڻهو يا تہ ڪتاب موبائل ۾ ڊائون لوڊ ڪري انهن جو مطالعو ڪن ٿا يا وري اهي پنهنجو وقت سوشل ميڊيا يا ٻي ڪنهن طريقي سان گذارين ٿا.

جيتوڻيڪ سائنسي ايجادن انساني زندگي ۾ تمام وڏو انقلاب آندو آهي، ان ڳالھ کان بہ ڪو انڪار ناهي تہ موبائل فون سميت پيون سائنسي ايجادون جهڙوڪ انساني وجود جو حصو بڻجي چڪيون آهن، جنهن کان سواءِ انسان خود کي اڌورو محسوس ڪندو رهي ٿو. پر انهن شين يعني سائنسي ايجادن کي ڪتابن جو نعم البدال قرار ڏئي نٿو سگھجي. ڇاڪاڻ تہ ڪتابن جو پنهنجو رومانس هوندو آهي، جيڪو اسڪرين تان حاصل ٿي نٿو سگهي.

ڪتاب پڙهڻ سان ماڻهو ۾ تخليقي صلاحيتون پيدا ٿينديون آهن ۽ سندس ذهني صحت پڻ بهتر ٿيندي آهي. جڏهن تہ سوشل ميڊيا جو جهجهو واهپو ماڻهو جي طبيعت ۾ تلخي پيدا ڪندو آهي ۽ هو خفا خفا رهڻ لڳندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهو ذهني ۽ نفسياتي معاملن ۾ الجهي پوندو آهي.

جيڪي صاحب ان خيال جا آهن تہ ڪتابن جي دؤر جي پڇاڙي ٿي چڪي آهي، جيڪڏهن سندن بابت اهو چئجي تہ هو ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن تہ ان ۾ ڪو بہ واڌاءُ نہ ٿيندو. ڇو تہ اهي ماڻهو حقيقت جا انڪاري ۽ ڪتابن جا منڪر آهن. سچ اهو آهي تہ اڄ جو نوجوان ماضي جي ڀيٽ ۾ هن جديد ٽيڪنالاجي واري دؤر ۾، سيڻي سائنسي

سهولتون ميسر هجڻ جي باوجود بہ ڪتاب خريد ڪري مطالعو ڪري ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي تہ سنڌ ۾ نہ رڳو جهجهي انگ ۾ مختلف موضوعن تي ٻڌل ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن پر ان سان گڏوگڏ نوان اشاعتي ادارا پڻ قائم ٿي رهيا آهن، جيڪا خوش آئينده ڳالهہ تہ آهي ئي پر ان سان اها دلجاءِ بہ ٿيو وڃي تہ ڪتابن جو دؤر ختم ناهي ٿيو.

الطاف انصاري سنڌ جو بهترين سوچيندڙ ۽ لوچيندڙ سرجڻهار آهي، جيڪو خاموشي ۽ سليقي سان پنهنجي حصي جو ڪم جاري رکيو اچي. هي ڪتاب "آءُ تہ ڪي سپنا اُڻون" سندس شاعريءَ جو پهريون ڪتاب آهي، جيڪو اسان جي اداري ڪونج اڪيڊمي ڪراچي پاران شايع ڪيو ويو آهي. اميد آهي تہ الطاف انصاري جو هي پهريون قلمي پورهيو اوهان سڄڻن کي پسند ايندو.

قمر آفتاب
ڪونج اڪيڊمي ڪراچي

مهاڳ

پيار پراڻوءِ پاڇو نئون

مشهور ڳوٺ آراضيءَ ۾ جنم وٺندڙ الطاف حسين انصاري هڪ منفرد شاعر آهي، ساڳي آراضي جتي منهنجي سونهي خان محمد پنهور جنم ورتو. جيتوڻيڪ اتي تمام وڏا وڏا ماڻهو رهن ٿا پر خان محمد پنهور پنهنجي ادبي ۽ صحافي سفر جا اهڙا رنگ رچايا جو آراضي هن جي نالي سان سڃاپڻ لڳي.

مون کي تقريبن ست اٺ مهينا اڳ منهنجي بيحد پياري سڄڻ ناصر پنهور الطاف انصاريءَ جي شاعريءَ جو مواد موڪلي اِچا ظاهر ڪئي ته مان ان تي پيش لفظ لکان، مون جهڙي سست ماڻهو لاءِ هي ڪم ڏکيو ان ڪري هو جو مواد پي ڊي ايف ۾ هو خير آهستي آهستي هي ڪم پورو ڪري اڄ مون خوشيءَ جو ساهه کنيو آهي.

سچ هي آهي ته مون پياري الطاف انصاريءَ جي شاعريءَ جو ورق ورق اڀياس ڪيو آهي، هن جي شاعريءَ جو سادو پيرايو ڏاڍو سادو ۽ سهل آهي جنهن ۾ ڪنهن ڳجهارت جهڙي لِڪ ناهي، شعر جون سٽون هڪ نيري صاف شفاف آسمان جهڙيون آهن.

دل ۾ ارمان ڪيڏا هِن،
تنهنجا احسان ڪيڏا هِن.

—

رات سانت ۾ تنهنجو يادون،
مون سان مهمان ڪيڏا هِن.

شعر جتي سادي پيرايي ۾ آهن، اتي انهن ۾ شعري احساس موجود آهي ائين ناهي ته الطاف حسين جي شاعري ڪنهن اخبار جي عام

خبر جيان آهي ۽ شاعريءَ کي شاعري ٿي هجڻ گهرجي.

ايـڏا ويـجـهـا ٿـي ويـاسـون جـو،
نيـٺ اوهـان کـان وڇـڙي ويـاسـون.

—

يـادن جـي هـڙ ويـڙهـي سـيـڙهـي،
نينهن ننگر مان نـکـري ويـاسـون.

مون کي ايئن به لڳندو آهي ته شاعري ماڻهوءَ جو هڪ ياد نامو آهي، جنهن جي رنگرتي آڳر تي ويهي شاعر پيو زندگيءَ جون يادون اڻندو آهي ۽ پاڻ ماضيءَ جي حيرت جهڙن قصن سان جوڙي حال جي سفر جو ثمر ڪندو آهي.

ان سفر ۾ ڪڏهن هيئن به محسوس ڪندو آهي.

حـيـرت حـد کـان ٻـاهـر ٿـي وئـي
ڇـا تـه هـٺـاسـون ڇـا ٿـي ويـاسـون

هر سجاڳ شاعر پنهنجي ڳالهه لفظن جي برش سان چٽيندو آهي، هن کي لفظن جي اهميت جي پليءَ پٽ خبر هوندي آهي ته ڪهڙو لفظ ڪٿي استعمال ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن ڪو شاعر ان سمجهه کان عاري آهي ته پوءِ هو زندگي پر رڳو شاعريءَ ۾ ڪوڪلا لفظ ٿي جمع ڪري سگهندو آهي.

پيو ڪجهه اسين خير ڄاڻون نـه ڄاڻون
پـکـي پـريـتـڻـي جـا اڏاري سـگـهـون ٿـا

اها خبر رکڻ بيحد خوبصورت عمل آهي پر پرينءَ کي هڏو ڏيڻ ته توکان سواءِ گذاري سگهون ٿا، زندگيءَ جو هڪ ناڪاري عمل آهي. خاص طرح سنڌ جي شاعر لاءِ سنڌ جي شاعريءَ جو ڪلاسڪ پس منظر پرينءَ کان سواءِ بي معنيٰ آهي. خير شاعر پنهنجي ڪيفيتن جو عڪاس هوندو آهي هو پنهنجي شعري بي ساخته عمل ۾ گهڻو ڪجهه چٽي ويندو آهي. الطاف حسين جي شاعريءَ ۾ هڪ ساهس آهي، جيڪو

جهنگ ۾ وڃائجي ويل جيابي لاءِ هڪ رستو ٿي سگهي ٿو.

اڄان سانگ الطاف سرجي سگهن ٿا
اڄان سينڌ سنڌ جي سنواري سگهون ٿا

شاعري هڪ سڌي سينڌ جي رستي جيان آهي تہ پڙهندڙن سان جُڙيو رهندو ۽ ان مان ساهس حاصل ڪندو رهندو.

ٻـڪ ٻـدن جـي وسـري ويـنـدي
روح جـا راڙا ڪـيـر وسـاري

—

رات رناسون جن لئہ سي سپ
سپڻ سياڻا ڪير وساري

هن شعر ۾ تجنيس جو استعمال من موهيندڙ آهي. شعر کي ورائي پڙهڻ سان اهو وڌيڪ محسوس ڪري سگهجي ٿو. شاعري جتي شاعر جي زندگيءَ جو يادنامو آهي، اتي اُها سارڻ وسار جو اٽڪندڙ پنڌ بہ آهي.

منهنجي نيڻان جهُڙ نہ لٿو آ
تنهنجي مُک تي مُرڪ تري آ

—

هُن پر ڪيڏا ڳل ٿڙيا هن
هن پر ڪائي ٻاهہ ٻري آ

شاعري ۾ جي جذبي جي اڄل ناهي تہ شاعري، جيئن مٽي چيم ڪوڪلن لفظن کان وڌيڪ ڪجھ ناهي، جڏهن تہ الطاف حسين جي شاعريءَ جي مٿين شعرن ۾ جذبي جي اُڇل آهي، اها دل جي درياءَ جي ڪنارن کي ڇهندڙ آهي.

شاعر آسمان ۾ تہ زمين تي وجود ونندو آهي، اتي پنهنجي آسپاس جي ماحول ۾ ٻين شين سان گڏ موجود شاعري کان بہ متاثر ٿيندو آهي

تنها جيون گهارڻ ڏاڍو اوکو آ
من ۾ ڪو مهمان ضروري آ پيارا

هن غزل جي هيٺين سٽ اياز گل کان اڌاري ورتل آهي.
يا هي شعر ڏسو

توروڪنهن انسان جو تورو نہ پاڻ ۾
لاهي جي سگهجي نہ تہ پيو ڳائجي

ائين هي شعر استاد بخاري ۾ کان متاثر نظر اچي ٿو

تنهنجا مون تي تورا ڪي ٿورا تہ ناهن
جي لاهي نہ سگهبا تہ من ڳائبا پيا

يا هي شعر ڏسو

مون نہ ڇاتو اي ساهہ پيڙا پرين
ٿي سگهون ٿا اسين ايڏا پي اوپرا

مٿين شعر جي مصرع اولا شيخ اياز جي سٽ جهڙي هوبهو آهي.

مون نہ ڇاتو تہ اي سج جهڙا پرين

شروعات ۾ هڪ اڀرندڙ شاعر لاءِ پيين جا اثر وٺڻ بہ هڪ فطري عمل آهي، جيئن الطاف بہ متاثر ٿيو آهي پر نجو شاعر نيٺ پنهنجو اسلوب تخليق ڪري پنهنجي سفر کي جاري رکندو آهي.

وڏي عرصي کان اکڙين مان
لڙهندو درياهہ ڪونهي ڪو

—

پراڻي پيار جو پاڇو
هٽايان ٿو نہ ٿو هٽجي

هي ٻئي شعر پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائين ٿا تہ اهي الطاف جي پنهنجي مشاهدي مان ڦٽي نڪرندڙ شعر آهن. اکين مان درياهہ جو نہ لهڻ ۽ پراڻي پيار جي پاڇي جو ڏيان تان نہ هٽجڻ

پلا پهرئين پيار جو پاڇو ڪيئن ٿو ڏيان تان هٽي سگهي. پيار جيڪو شيڪسپيئر جي لفظن ۾ هڪ نظر ۾ ٿي ويندو آهي

الطاف جي شاعريءَ ۾ سُر آهي جنهن کي پڙهڻ سان ئي محسوس ڪري سگھجي ٿو. يقينن اها جڏهن ڳائبي ته سُرن جي پوري لباس سان اسان جي اڳيان نچڻ شروع ٿي ويندي.

ڪامين پيو ڪوري جا اندر
باڦ اها باهر به ڪرين ها

—

سود ۾ ساهه سمورا ڏيان هان
عشق ۾ ڪا اوڌر به ڪرين ها

پر شايد عشق ۾ اوڌر ناهي ٿيندي، هي معاملو نقديءَ جو پيار ڏيو ۽ وٺو. پر ڪنهن به صورت ۾ عشق اجايو ناهي ٿيندو. واقعي جي پهرئين نظر جو آهي

عشق سجايو ٿيندو آ ڇا؟
درد اجايو ٿيندو آ ڇا؟

مون ڪٿي پڙهيو هو ته سواليا شاعري ٻي شاعريءَ کان الڳ ٿلڳ ۽ متاثر ڪندڙ ٿيندي آهي ڇو جو ڪنهن هڪ سوال جا هڪ کان وڌيڪ جواب ٿي سگهندا آهن.

جيون پٽ تي سوچيان وينو
ڪاڏي ٿي هيءَ راهه وڃي؟

الطاف انصاري ڪنهن به بحر ۾ پنهنجو شعري اظهار روانيءَ سان ڪري وڃي ٿو. جيئن ننڍي بحر جو هي شعر ڏسو.

ڦٽ پراڻا هئا
لوڻ هاڻا هئا

مون کي هي شعر پڙهندي ائين لڳو جڻ ڪنهن اجاري ٽڪڙو ٽڪڙو پاڻيءَ جو گلاس ڀي ورتو. ڦٽ پراڻا خود هڪ گهرو خيال آهي وري انهن کي لوڻ هاڻا ڇوڻ سان خيال شديد گهرو ٿي وڃي ٿو.

ساڳي غزل جو هيءُ شعر ڪيڏو نہ منفرد آهي

نيڻ نندن بڻا
تو پڇاڻا هڻا

نند جو جمع توڙي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ مروج ناهي جيئن پاڻي، پر هت مون کي بيحد من موهيندڙ لڳو.

ڪڏهن ڪڏهن شاعر لاءِ خاموشي بہ معنيٰ خيز ٿي ويندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن لفظ بہ غير ضروري احساس جي ڪيفيت احساس ڪا بي شيءِ آهي. شاعر سڄي عمر ان ڪيفيت جي ڳولا ۾ گذاري ڇڏيندو آهي. شيخ اياز ڪٿي چيو هو مان اڃان ڪنهن سٽ جي ڳولا ۾ آهيان. ڪنواري معنيٰ اڻ ڇهيل اها سٽ جنهن تائين اڃان دنيا جي ڪنهن شاعر جي رسائي ٿي ناهي سگهي. اها سوچ مسلسل جستجوءَ طرف اشارو ڪري ٿي.

لفظن کان لاچار سهي
نيڻن سان ڳالهاءِ ڪٿي

غزل تي الطاف بيحد سٺي مشق ڪئي آهي. ايتري مشق جو هن جي غزل ۾ تغزل جو رنگ بہ ظاهر ٿيڻ لڳو آهي.

نگاهون بہ ناهن نشانا بہ ناهن
اوهان جي اچڻ جا زمانا بہ ناهن

—

اهي نيڻ ڪيڏا نہ نادار هوندا
جتي چار سپنا سهانا بہ ناهن

الطاف حسين انصاريءَ جي پنهنجي هن شعري مجموعي ۾ غزل کان پوءِ وائي شامل ڪئي آهي. الطاف انصاريءَ جي غزل کان پوءِ سندس وائي بہ من موهيندڙ آهي. وائي معنيٰ سڏ. ڪوڪ يا پڪار.

وائي سنڌي ڪلاسڪ صنف آهي. جا اڪثر ڇند تي لکي ويندي آهي. پر شيخ اياز وائي عروض تي لکي ان ۾ نوان تجربا ڪيا الطاف

انصاري هن مجموعي ۾ وائي جي شروعات هڪ تجرباتي وائي سان ٿو ڪري. مثال:

آڏيءَ رات اڪيـــــر
مـنـهـنـجـي نـيـڻـن نـيـر
اگـهـيـون اڪـيـون آلـڙيـون

وائيءَ جي مصرع وارن پدن ۾ هو ٻنهي پدن کي ساڳي وزن ۾ ٿو رکي، هوئنئن ٻئي پد برابر نہ هجڻ گهرجن مثال

تـوکـي تـانـگـهـي مـن
وسـري ڪـونـہ سـگـهـن
ڳهلي تنهنجون ڳالهڙيون

الطاف پنهنجي تجربي ۾ قافيي جي سٽ تبديل ڪندو ٿو رهي. هن تجربي کي پنهنجي معنيٰ آهي، پر تجربوپيا شاعر وڏائي هن تجربي جي سونهن کي ثابت ڪري سگهن ٿا. هوئنئن بقول امداد حسيني شاعريءَ ۾ تجربا ڪرڻ هڪ سٺو سوڻ آهي.

ائين وري هو ٻي عروضي وائيءَ ۾ وري سڀ پد هڪجيترا رکي ٿو. عروض جا هي ٻہ پد آهن. فاعلاتن فاعلات

سـونـهـن ۾ سـرهـاڻ جـا
آءَ تـہ ڪـي سـپـنـا اُڻـون

هيءَ سموري وائي موضوعاتي اعتبار کان محبت، امن ۽ ايڪتا جي رنگ ۾ رڱيل آهي.

ايـڪـتـا ۾ امـن واري
مـاتـريءَ مـهـراڻ جـا
آءَ تـہ ڪـي سـپـنـا اُڻـون

ائين هوان تجربي جي ساهس کي ڪتي بہ نٿو ڇڏي. هيءَ وائي ڏسو.

آئون نہ ڄاڻان ڪيئن اجهي
ايـڏي مـنـهـنـجـي اڄ مـيـان

وائي ۾ هو جيڪي تجربا ڪري ٿو. ڪٿي ڪٿي اهي مون کي ٿتا آٿڙن، مثال هيءَ وائي پنهنجي بيهڪ يا اظهار ۾ جڻ نظم ٿو لڳي.

ٽولڪ هوندو ڏين ڏرم
مون لڪ ماڻهو آهه مهان

—

ذات ۾ ناهي ڏات ۾ آهي
روشن خيالي فڪر فهم
پيچ پتائيءَ جو فرمان
مون لڪ ماڻهو آهه مُهان

هونئن الطاف انصاري پنهنجي واين ۾ به نئون اظهار ڪٿي اچي ٿو. هن جي ڪوشش آهي ته هن جي اظهار ۾ سنگيت رس به هجي.

تنهنجي ڏاران يار
وه ٿي ويا وهنوار
روڳي سوڳي روح اسانجو

—

سانوڻ آيو آهي اڪيلو
تون بي اچين ها يار
روڳي سوڳي روح اسانجو

پهرين به مون چيو هو ته الطاف تي اياز جو اثر آهي، جيئن مٿين وائيءَ ۾ آهي.

سانوڻ ڪيئن اڪيلو آئين
ساجن کي به ته آڻ
ساجن کي به ته آڻ

هيءَ وائي ڏسو! جنهن ۾ سڀ پد هڪجيترا آهن. وراڻي ڪيڏي ڇڏجي ته پهرين غزل جو گمان جو وڏي گيت جو گمان ٿيڻ لڳندو.

گوندر ۾ پيا گهاريون سائين
توکي ڪيئن وساريون سائين

—

سانجهہ سويري رات انڌيري
تنهنجا پور پچاريون سائين
توکي ڪيئن وساريون سائين

—

راهہ بہ توسان، چاهہ بہ توسان
ساهہ بہ توتي واريون سائين
توکي ڪيئن وساريون سائين

تخليق ۾ جيڪا رواني آهي، اها پاڻ ستن مان اپري پاهر نڪري اچي ٿي. اسان کي رڳو تخليق پڙهڻ جي ضرورت آهي ھيءَ وائي پنهنجي مذم اظهار ڪري ڪيتري نہ معصوم لڳي ٿي.

ڪوئل جون ڪوڪون
رات ٺري آهي
ڪيڏا سانگ سجايا آهن
تنهنجي ڪارڻ مون
رات ٺري آهي
ماٺهو ڇا ڇا چاهيندو آ
مون لئہ تون ئي تون
رات ٺري آهي

شاعر جو اظهار ئي هن جي تشريح هوندو آهي، جنهن کي پڙهي اصل معنيٰ تائين پهچي سگهجي ٿو. اسين تہ صرف ڪي شاعر جي شاعريءَ بابت اشارا ڪندا آهيون تہ جيئن شعر پنهنجي چتائيءَ سان پڌرو ٿي سگهي. الطاف انصاريءَ جون وايون بي ساختہ آهن هن کي پرواهہ ناهي تہ گهاڙيٽي جا ڪي قانون آهن يا ڪي پابنديون. بس هو پنهنجي شعري اظهار جي سفر ۾ هوائن جيان اڏامندون ٿو رهي.

ڏک جو ڏونگر ڏاريوسين
هانءَ نہ هاريوسين

—

سيءَ سياري هاڙهہ اونهاري
ساجن ساريوسين
هانءَ نہ هاريوسين

هيءَ وائي ڏسو! جنهن کي بہ الطاف تجرباتي تو سڏي.

وڻ کو ويڳاڻو
نہ کو ٻور نہ ڇانءَ
توبن اهڙو آنءَ

—

تري کيئن تاڻو
تاڪ نہ کوئي تانءَ
توبن اهڙو آنءَ

—

سورن ساماڻو
ڪِينَ تو هاري هانءَ
توبن اهڙو آنءَ

ڪنهن بہ شاعر جي شاعريءَ جا تورائي مثال ڏئي، پنهنجي ڳالهہ سمجهائي سگهجي ٿي. سنا پڙهندڙ ان کي پڙهي وڌيڪ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن

جيستائين مون ڏٺو آهي تہ الطاف انصاري پنهنجي غزل کان پنهنجي وائيءَ تائين اظهار جي سفر ۾ نئين ڳولا جاري رکي آهي ۽ پڪ اٿم تہ هو اها ڳولا پنهنجي شعري سفر جي هر وک تي جاري رکندو ايندو.

وسيم سومرو

نوابشاھ، آرهڙ

مئي 2024ع

پيار جون ڳالهيون

شاعري قديم زماني کان وٺي انسان جو پنهنجي ديوتائن سان اظهار جو هڪ ذريعو هوندي هئي. جنهن سان هو ديوتائن جي تعريف ۽ ساراهه ڪري انهن کي پڏائيندا هئا. ته جيئن اهي سندن تعريف کان متاثر ٿين ۽ ساڻن ڏکن سورن جا ساٿي ٿي کين خوش رکن ۽ مشڪلاتن کان نجات ڏيئي سگهن. ۽ اهي انهيءَ تعريف عيوض ساڻن راضي رهن. اهو عقيدو به هر وقت ۽ هر ملڪ ۾ رائج رهندو پئي آيو آهي. ان ڪري يونان/ ايٿنس ۾ افلاطون پنهنجي دؤر ۾ انهي ڳالهه کي بنياد بڻائي پابندي مڙهي ته شاعري ۾ اجائي ۽ بي بنياد ۽ غير حقيقي تعريف ۽ وڏاءُ ڪيل هوندو آهي. يوناني شاعرن پنهنجي خدائن، ديوتائن ۽ ديوين جي ايتري ته بي جاءِ تعريف ڪري انهن کي بااختيار بڻائي پيش ڪيو جو اهو عقيدو افلاطون جي نئين سماج جي جوڙجڪ ۾ رڪاوٽ بڻجي رهيو هو. ان ڪري ان اهڙي قسم جي شاعري تي پابندي مڙهي ڇڏي، ڇو ته انهيءَ شاعري جو حقيقت سان ڪو به تعلق نه هو.

ڪن جو اهو خيال هو ته شاعر کي غيبي طاقتن طرفان سڌو سنئون الهام ٿيندو آهي ۽ شاعري قدرت طرفان الهامي آواز آهي. يا اهو ته شاعري خدا تعالي يا ڪنهن عقل ڪُل يا ڪنهن غيبي طاقت طرفان ڏنل پيغام آهي جيڪو شاعر اسان تائين پهچائي ٿو. انهن عقيدن ۾ ڪئين تضاد آهن.

بهرحال اهي عقيدا ۽ سوچون ڀلي متضاد هجن پر شاعري ۾ ڪجهه اهڙي قسم جو وکر ضرور وهايل هوندو آهي. جنهن جا پيرا اهڙي قسم جي عقيدن ۽ خيالن تائين ڪجهه نه ڪجهه رسائي رکن ٿا. جنهن جا ڪئين مثال تاريخ جي ڪتابن ۾ ملن ٿا. انهن مڙني شين جو مشاهدو ۽ اڀياس ان حقيقت کي اپٽاري ٿو ته شاعري بيشڪ پيغمبري جو جز

آهي. اسلامي دنيا جو پهريون نازل ٿيل آسماني ڪتاب زبور به شاعري جي صورت ۾ آهي. ان مان اها حقيقت واضح ٿئي ٿي ته پيغام رسائي جو واحد ۽ مؤثر ذريعو شاعري آهي.

منهنجي خيال ۾ شاعري الهامي ڏات به آهي ته ڏانءُ جي هنرمندي به. اها هنرمندي وري ماحول جي بخشش آهي. جڏهن ڏات ۽ ڏانءُ ملي ڪري جيڪا تخليق پيدا ڪن ٿا. اها سگهاري مقصديت سان ڀرپور تخليق هوندي آهي ۽ تخليق ڪار جي سڃاڻپ بڻجي ويندي آهي.

جيڪي ڏات ڏٺي فني ۽ فڪري لوازمات تي ڌيان ڏين ٿا ته اهي ادبي کيتر منجهه گلن وانگر ٽڙي نمايان ٿي پوندا آهن. سندن هيڪار جي هاڪ هنڌين ماڳين پهچي مقبوليت جي ماحول کي معطر ڪري وجهندي آهي ۽ اهي منظر عام تي اچي مڃتا ماڻين ٿا. سنڌي شاعري ۾ جتي پيار، پريم، محبوب جي محبوبيت، حسناڪين، ادائن ۽ نگاهن جي تعريف ڪيل هوندي آهي، اتي سماجي، سياسي توڙي معاشي معاملن ۽ سماج ۾ ٿيندڙ ناانصافين تي گهري نظر ۽ ان تي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ به شامل هوندو آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ سماج کي پيار ۽ محبتن سان نئين سر اڏڻ جو پيغام به آهي ته نفرتن جون پاڙون پٽڻ لاءِ رٿابندي پڻ شامل آهي. هن وقت اهڙي قسم جي جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ڪوڙ سارا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا جيڪي انتهائي خوبصورت انداز سان ڏاڍي وزنائتي شاعري تخليق ڪري رهيا آهن.

اهڙن من موهيندڙ ۽ خوبصورت تخليقڪارن ۾ الطاف انصاري جو نالو به شامل آهي. الطاف اڪيلائين کي محسوس ڪندڙ طبيعت ۾ انتهائي حساس دل رکندڙ شخصيت آهي. سو حساسيت کيس ضرور ور ور ڏيئي وار ڪندي هوندي ۽ سندس روح ڪينجهر ۽ منڇر جي ڇولين سان گڏ ڇلندو هوندو. ان ويل خيالن جي خوبصورتيءَ مان سندس ذهن جي ڪينواس تي ڪي گلن ۽ موتين جي مالهائن جهڙا شعر جڙي پوندا هوندا. ڇو ته شاعر سماج جو هڪ اهڙو فرد آهي جنهن ۾ احساسن ۽ جذبن کي محسوس ڪرڻ جي سگهه ۽ صلاحيت عام ماڻهو کان وڌيڪ آهي. ان ڪري شاعر سماج جا تمام گهڻو حساس

ماڻهو هوندا آهن. جيڪي پنهنجي اندر جي اڌمن، سورن ۽ صدمن سميت، سماج کان ملندڙ منفي موٽ کي محسوس ڪري ونندا آهن. هڪ سٺو شاعر سماج جو سٺو حاذق ۽ حڪيم هوندو آهي. هو سماج جي نبض تي هٿ رکڻ کان سواءِ ئي مرض سڃاڻي ويندو آهي.

اڄ آئون سندس شاعريءَ جي پهرين مجموعي "آءُ تہ ڪي سپنا اُڻون" تي ڪجهہ ويچار ونڊڻ چاهيان ٿو. جيڪو مون پنهنجي دل جي اکين سان پڙهيو آهي. ان جي شاعريءَ ۾ ڪٿي ڪٿي ڪميون ڪوتاهيون ۽ جهول جهڪائيون ضرور آهن. ڇو تہ هر ڪم ۽ فن ۾ بهتري جي گنجائش سدائين رهجي وڃي ٿي. پر تنهن هوندي بہ سندس سموري شاعري جذبن احساسن، اهنجن ۽ ايذائن، سڪ ۽ ساروڻين جو مجموعو آهي.

الطاف انصاري جديد سنڌي شاعريءَ جي سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر سندس هي مجموعو "آءُ تہ ڪي سپنا اُڻون" صرف سندس غزلن، واين ۽ نظمن تي مشتمل آهي. سندس غزليہ شاعري لهجي، ٻولي، پيش ڪش، فڪر ۽ فن ۾ منفرد ۽ اعلي مقام رکي ٿي. سندس شاعري، سندس اندر جي شخصيت جي داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن جي سچي پچي عڪاسي آهي. سندس رديف قافين تي بحث ڪرڻ کان اڳ سندس شاعريءَ جي شعري لسانيات ۾ لفظن جي چونڊ سٽن جو سٽاءُ پيش ڪش جو انداز ۽ لفظن جي صوتياتي هم آهنگي سان نمايان ٿيندڙ سرن ۽ نغمگي جي رچاءَ سان ڀرپور آهي.

شاعر جي شاعري اگر پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي دل جي تنبوري جي تندن کي ڇيڙي ۽ انهن جي دلين کي جهومائي ۽ پنهنجي جاءِ جوڙي، تہ اها شاعر ۽ شاعري جي ڪاميابي آهي. سو الطاف انصاريءَ جو نالو شاعري جي ميدان ۾ نئون ضرور آهي پر سندس شاعري مٿي ڄاڻايل سمورن لوازمات جي حامل آهي. اميد تہ سندس شاعري عام جي دلين ۾ ضرور پنهنجي جاءِ جوڙيندي. هن مجموعي ۾ الطاف انصاريءَ غزلن جهڙي نازڪ نفيس صنف سان تمام سٺي ريت نڀاهيو آهي. سندس غزلن ۾ ڪافي فني پختگي ۽ فڪري سگهہ نمايان نظر اچي ٿي.

سندس غزلن جا ڪجهه بند جن مان خيالن جي گهرائپ ۽ حسناڪي پسي سگهجي ٿي.

سور سلجي وڃي سوئي بهتر آهي
پيار پلجي وڃي سوئي بهتر آهي
ڪاٽ دل ۾ هٽي ويو لٿي سڀ ڪٿي
چور جهلجي وڃي سوئي بهتر آهي

هيٺ سندس سونهن پريون ستون ڏجن ٿيون. جيڪي پڙهڻ سان ذهن جڻ تہ گلابن جي خوشبو سان معطر ٿي وڃي ٿو.

ڪنهن پراڻي سار جون ڳالهيون نہ ڪر
اڄ اسان سان پيار جون ڳالهيون نہ ڪر
دل متان ڪنهن صنم خاني ڏي ڏڪي
درشن و ديدار جون ڳالهيون نہ ڪر

سنڌي شاعرن جي اها وڏي ڪمزوري رهي آهي، جنهن ڪي سرويچ سجاولي "جنت الفردوس" سان تشبيهہ ڏني تہ حسن درس سنڌ لاءِ چيو تہ "ساري سنڌ پرين جو پاچو " ساڳئي وات وٺندي الطاف انصاري وري ڪاڇي کي پرين جو پاچو ٿو چئي. سندس اها اڪين ٿار ادا آهي.

ڪاڇو آهي، پاڇو پرينءَ جو
ڪوهستان ۾ شڪتي منهنجي

هيٺ غزل جي سٽن ۾ سندس پرين سان ڪيتريون ئي يادون جيڪي پل، پهرن، ڏينهن، راتين، متجندڙمندن، موسمن جي ڪيترين مدتن تي محيط هونديون. جن تي نظر وجهبي تہ الاهي ڪيترو ماضي انهن سان مهڪيل نظر ايندو. انهن سمورين سارون‍ٺين جي ساعتن کي سميٽي ويڙهي سيڙهي هڪڙي هڙ ۾ ٻڌي ان جي نگر مان نڪري وڃڻ جي ڳالهہ ڪيتري نہ خوبصورتي ۽ نفاست سان ڪيل آهي.

يادن جي هڙ ويڙهي سيڙهي
نيهن نگر مان نڪري وياسون

حيرت حد کان ٻاهر ٿي ويئي
جا تہ هئاسون جا ٿي وياسون

اهڙا خوبصورت شعر ورلي پڙهڻ لاءِ ملندا آهن. لفظي لباڙ تہ آسان آهي، پر شعر ۾ نينهن جو نشو اوتڻ انتهائي اوکو عمل آهي. الطاف انصاريءَ ان ۾ اعلي درجي جي عکس بندي ڪئي آهي.

هاڻ تہ تنهنجو خيال بہ ڪونهي
مون کي ڪوئي ملال بہ ڪونهي
تو بن جيون جهاڳيان ويٺو
منهنجو ان ۾ ڪمال بہ ڪونهي

الطاف انصاري مسجد ۽ مندر کان هٽي ڪري انسان جي اندر جي ڳالهہ ڏاڍي ڍنگائتي نموني سان ڪئي آهي تہ :

مسجد جا هي مندر جا هي
سڀ ڪجهہ ماڻهوءَ اندر آهي

الطاف سنڌ ڌرتيءَ جي تاريخ ۽ تمدن جون تجليون پسائيندي ڌرتيءَ کي صدين کان پنهنجي سرتي سڏيندي چئي ٿو تہ :

تمدن اندر تجلي منهنجي
موهن منهنجو مڪلي منهنجي
آنءَ ازل کان هت آيل هان
سنڌ صدين کان سرتي منهنجي

الطاف انصاريءَ هڪ جمالياتي شاعر آهي. ڪيس پرين جي سونهن جي ڪري سندس اندر سان گڏ سمورو سنسار سهڻو لڳي ٿو. ان ڪري سندس سٽ سٽ ۾ سونهن پريو سنسار سمايل آهي. پاڻ نظمن جو بہ خوبصورت سرجڻهار آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڪنڊ پاسي کان بيهي تورو جهاتي پائي ڏسان ٿو تہ الطاف جي نظمن ۾ بہ هڪ وسيع ڪائنات منهنجي اڳيان نروار ٿي بيهي ٿي. پاڻ پنهنجي پڙهندڙن کي هم خيال بڻائي انهن کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ جي ڪاريگري کان بہ واقف آهي.

سندس ڪجهه خوبصورت نظم جن ۾ فطرت جي شاهڪار حسناڪي موجود آهي. نموني طور.

بادل ڪوڙو ٿيو ٻيهه !
الا او ٻيهه!
پريتم منهنجو پنڌ ۾ !
هيڪر هوا چپي وڃي
من جي محفل مچي وڃي
روح نظر ۾ رچي وڃي
پوءِ ڪجاڻ تون بيشڪ جل ٿل
سارو هي ساٿيهه
بادل ڪوڙو ٿيو ٻيهه!
الا او ٻيهه !
پريتم منهنجو پنڌ ۾.

ڪٿي ڪٿي الطاف لفظن جي اٿت، جڙت ۽ سجاوت صفا ڪمال جي ڪري ٿو. سندس شاعري جي شهر مٿان منظر ڪشي جي موسم به ڏاڍي مهربان ٿيو پوي ٿي.

مسجد پيو ٺاهين
مندر پيو ٺاهين
ڪيڏو مورک آهين
ڪونه ٿو ڄاڻين
مسجد يا مندر جي اندر
ڏن وارا پيا دعائون گهرندا
ليڪن ٻاهر مسجد در تي
يا مندر جي دروازي تي
حاجتمند به ويٺا هوندا
خير جي خاطر
دان جي ڪارڻ

نظم
هيءَ پل آهي اٽل
هيءَ پل آهي اٽل
جنهن ۾ آهيون تون ۽ مان
نينهن اسان جو نور جيان
جنهن جي جي ڪائي ڪالهہ نہ آ
جنهن جي ڪائي ناهہ سيان
ليڪن جنهن ۾ جيئڻو آ
جيون ڪو صدين جي سمان
هيءَ سموئي آهي سڄل
هيءَ پل آهي اٽل
هيءَ پل آهي اٽل

الطاف جي شاعري نفيس احساسن، نون لاڙن، رجحانن ۽ رومانس جي موضوعن سان سادن سلوڻن لفظن ۽ اسلوب تي مشتمل آهي. سندس شاعري پڙهندي مون محسوس ڪيو آهي تہ سندس شاعري ۾ رُتون فقط معروضي سطح تي نٿيون متجن، پر موضوعي سطح تي بي ساختہ طور تي متجي وڃن ٿيون. سندس شاعريءَ ۾ احساسن جي اوچتي آيل لهر جي باز گشت بہ آهي، تہ سندر احساسن جي بوند بہ آهي. روح جي پراڻن آثارن تي بوندن جي مهڪار بہ آهي تہ ڏکن جي ڪوسي واءُ جي شڪايت بہ آهي. اهڙين ڪيفيتن سان ڀرپور سندس وايون بہ انتهائي خوبصورت آهن.

اڄ ڪلهہ ڏٺو وڃي تہ وائي جي صنف هڪ مروج ۽ مانوس صنف بڻجي چڪي آهي. پراڻن سان گڏ نون شاعرن بہ هن صنف کي خوب اپنايو ۽ پنهنجو ڪيو آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن چئجي تہ وائي عوامي رنگ اختيار ڪري چڪي آهي تہ انهيءَ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو.

موضوع جي لحاظ کان وائي هاڻي تمام وسيع ٿي چڪي آهي. اڳ وائي ۾ صرف وڇوڙي جا ورلاپ ۽ رٺل پرين کي پرچائڻ جون ڳالهيون ڪيل هونديون هيون يا وري صوفي فقيرن معرفت ۽ عرفان جي ڳالهين

جي پرچار ڪئي. پر جديد ۽ ترقي پسند شاعرن موضوع جي حوالي سان وائي کي عشق، وڇوڙو، عورت جا، هاري مزدور جا مسئلا، ڏاڍ، ڏمر، زيادتيون ظلم، زبردستيون، اهي سڀ موضوع اڄ جي وائي ۾ بيان ڪيا آهن. ان ڪري وائي کي جيڪر گهڻ موضوعي صنف چئجي ته به درست آهي. شيخ اياز جون وايون ڪيترن ئي نمونن ۾ تجرباتي حوالي سان لکيل ملن ٿيون. اهڙي طرح ٻين ڪافي شاعرن پڻ نون لاڙن کي متعارف ڪرايو آهي. الطاف انصاريءَ به ان ڏس ۾ ڪافي تجربا ڪيا آهن. سندس تجربا سٺا لڳن پيا. تجربا ڪرڻ سٺي ڳالهه آهي. سندس خوبصورت واين جا ڪجهه نمونا هيٺ ڏجن ٿا. جيئن:

گوندر ۾ پيا گهاريون سائين !
توکي ڪيئن وساريون سائين !
تنهن جون ڳالهيون يار نراليون
تن کي وينا ساريون سائين !
توکي ڪيئن وساريون سائين !

—

اندر ايڏي اوجالتا
باهر ڪيڏي آهي ٻاٽ
پونءِ جو ياڳ پلو ڪيئن ٿيندو
جيڪر ناهي جاڳرتا
باهر ڪيڏي آهي ٻاٽ

—

ايڏي ساري سِڪ
ڪيئن سنڀاليون سيني ۾ !
تنهنجو منهنجو ڪهڙو ويڇو
ڳالهه مڙئي هڪ
ڪيئن سنڀاليون سيني ۾ !

—

وڻ کو ويڳاڻو، نہ کو ٻور نہ ڇانءَ
تو بن اهڙو آنءَ
سورن ساماڻو کين ٿو هاري هانءَ
تو بن اهڙو آنءَ

سنڌي شاعري ڀاڳوند آهي. جو هن کي بهترين شاعر مليا آهن. اڄ بہ نظر ڦيرائيندا سون تہ اڪثريت اهڙن سرجڻهارن جي ملندي جن جي تخليقن کي پڙهڻ سان دل کي سڪون ۽ روح کي راحت ملي ٿي.

الطاف انصاريءَ جي شاعري پڙهڻ کان پوءِ آئون اها راءِ رکڻ جو حق رکان ٿو تہ انسان سدائين ارتقا جي عمل تي ڪاربند رهيو آهي ۽ رهندو، ان ڪري ڪيس شاعري جي مجموعي شڪل ۾ اڃان ڪجھ جدت، فڪر ۽ گهرائي جي ضرورت محسوس ٿئي پئي. پر ان جي باوجود بہ الطاف انصاري جي شاعري مون کي ڪنهن حد تائين برجستہ پڪي، پختي ۽ ٿهر جي لڳي ٿي. قدرت واري ڪيس ڏات سان گڏ ڏانءُ ڏنو آهي. ڪيس شاعري ڪندي ڪو گهڻو وقت ناهي ٿيو، ٿوري وقت ۾ ئي هي شاعري جي اڀ تي ستارن جيان جرڪي پيو. يقينن اها سندس ڪاميابي هن شاعري جي دنيا سان سچائي سان محبت ۽ محنت جو نتيجو آهي. جيڪڏهن الطاف جون ڪاوشون، مشقتون ۽ جدوجهد جاري رهي تہ هي مستقبل ۾ سنڌ جي اعلي پائي جي ادبي شخصيتن ۾ شمار ڪيو ويندو.

اميد آهي تہ الطاف انصاري اڃان بہ گهڻو ۽ بهتر لکندو رهندو. دعائون آهن، تہ علم ادب جي آڪاش تي چمڪندڙ ستارن جيان چمڪندو ۽ مهڪندو رهي ۽ سندس هي فني سفر اڃا بہ گهڻيون منزلون طئہ ڪري، ڇو تہ اُهو سفر فقط الطاف انصاري جو ئي نہ آهي، پر جديد سنڌي شاعريءَ جو سفر پڻ آهي.

نم مهيسر

ٽنڊو الهيار

پنهنجي پاران

ذات جي ڏيهه ۾ منهنجو پهريون پورهيو پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش آهي، جيڪو غزلن، نظمن ۽ وائين تي مشتمل آهي ۽ ان ۾ بہ غزلن جو حصو نسبتاً زياده آهي. اميد اٿم تہ شايد پڙهندڙن کي پسند اچي نہ تہ منير نيازي جو هينئيون شعر ان مامري جي بهتر ترجماني ڪندو

آواز دے کے دیکھ لو شاید وہ لوٹ آئے
ورنہ یہ عمر بھر کا سفر رائگاں تو ہے

زندگيءَ جي ڪتاب جي پراڻن ورقن کي ورايان ٿو تہ مونکي 1980ع جي ڏهاڪي ۾ ڦوهہ جوانيءَ جا ڏينهن ياد اچن ٿا جڏهن مون ادبي ۽ تخليقي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو هو. مان ميٽرڪ پاس ڪري چڪو هوس ۽ انٽر سائنس ڪرڻ لاءِ سيوهڻ ڪاليج اندر داخل هوس. ادب ۽ شاعريءَ جو شوق ٻالڪپڻ کان ئي هيو ۽ يقيناً پنهنجي والد صاحب کان وراثت ۾ مليل هو.

منهنجو والد نظير احمد انصاري پرائمري استاد هو ۽ ان زماني ۾ سيوهڻ تعلقي جي اندر معزز ۽ قابل استادن ۾ ڪيس شمار ڪيو ويندو هو. هو پاڻ درس تدريس جي شعبي سان تعلق رکڻ باعث ۽ يقيناً ذاتي شغف جي ڪري ڪتاب ۽ علم سان لاڳاپيل رهيو هو. مان ننڍپڻ کان ئي سندس ذاتي لائبريري ۽ ڪتابن جو مطالعو ڪندو رهيو هوس. هو پاڻ بہ شايد ڪنهن زماني ۾ ٿوري گهڻي شاعري ڪندو رهيو هو ۽ ان ڳالهہ جي پرک مون کي سندس ڪجهہ نوٽبڪن منجهان ٿي جن ۾ سندس لکيل ڪجهہ ڪافيون منهنجي نظر مان گذريون هيون پر هو شاعري کان وڌيڪ موسيقي ۽ اداڪاري جي شوق سان نسبتاً زياده لاڳاپيل هو. سندس آواز خوبصورت هو ۽ تعليمي ادارن اندر ٿيندڙ

اسٽيج ڊرامن ۽ راڳ جي محفلن جو روح روان هو. ڳالهه اها پئي ڪيم ته شاعري مون کي وراثت ۾ مليل آهي ۽ ان سلسلي ۾ مان پنهنجي چاچي محمد چٽل انصاري جو ذڪر به ضرور ڪندس جيڪو والد صاحب وانگر هڪ بهترين استاد به هيو ۽ هڪ سٺو شاعر به هو. 'فراز' جو تخلص استعمال ڪندو هو ۽ منهنجي شاعريءَ جي شوق واري ابتدائي دور ۾ مون کي سندس رهنمائي حاصل رهي آهي. رب تعاليٰ انهن ٻنهي بزرگن جي مغفرت فرمائي جو منهنجي ذاتي شخصيت جي ارتقا ۾ سندن گرانقدر حصو آهي. آمين.

منهنجو جنم سيوهڻ شهر کان 9 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي موجود هڪ ڳوٺ آراضيءَ ۾ ٿيو سو هڪ لحاظ کان مان قلندر جي نگريءَ جو فقير آهيان. اها ئي ڳالهه آهي ته اسان جي فقيري به ڪجهه ملامتي قسم جي آهي جنهن جي جهلڪ پڙهندڙن کي شايد منهنجي شاعري ۾ به نظر ايندي. آراضي ان زماني ۾ لڳ ڀڳ پنج هزارن جي آبادي تي مشتمل هڪ وسني هئي ۽ اڄ به شايد سندس آبادي ايتري يا ڪجهه مٿيري هجي. هي ڳوٺ گهٽي قدر هيٺئين مڊل ڪلاس طبقي جي پڙهيل ڳڙهيل ۽ باشعور ماڻهن جو ڳوٺ هو جنهن سان لاڳاپيل به شخصيتون هن ڳوٺ جي سڃاڻپ جي حيثيت رکن ٿيون جن ۾ سيد ڪوڙل شاهه جنهنجو سياسي، انتظامي ۽ وڪالتي شعبن سان تعلق هو ۽ خان محمد پنهور جيڪو ادبي، تعليمي، صحافتي ۽ سماجي شعبن سان لاڳاپيل هو. انهن ٻن ماڻهن کان علاوه ادبي حوالي سان هڪ فقير طبع شاعر شهباز علي ملازم سروري هئو جنهن جو سروري جماعت سان تعلق هو ۽ مخدوم طالب الموليٰ واري مڪتب جو پوئلڳ هو. سندس فرزند مهر علي تابع سروري هڪ شاعر ۽ مخدوم صاحب جو خاص خدمتگار به هيو. ان خاصخيلي خاندان سان متعلق فقير حسين بخش خادم هڪ جڳ مشهور صوفي فنڪار ۽ سٺو شاعر پڻ هو.

ان طرح سان هن ننڍي ڳوٺ جي ادبي ماحول اندر مون شاعري جو شوق محسوس ڪيو ۽ چاچا ملازم سروري جي رهنمائي ۾ ان تي طبع آزمائي ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿيو. چاچا ملازم جو پوٽو سائين امداد

علي سروري بہ ان دور ۾ اسان سان گڏ انهيءَ رنگ ۾ رنڱجي ويو. سائين امداد تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل آهي ۽ هڪ سٺو شاعر پڻ آهي. چاچا ملازم سروري نہ صرف شاعري ۾ منهنجو استاد هو بلڪ علم ادب ۽ مطالعي جي معاملي ۾ بہ مون کي سندن رهنمائي حاصل هئي ۽ سندن ذاتي لائبريري مان بہ مان اڪتساب ڪندو رهيو آهيان. چاچا سان منهنجو هڪ روحاني تعلق رهيو آهي جنهن جو منهنجي شخصيت جي ابتدائي تعمير اندر ڪافي عمل دخل رهيو آهي.

انهن ئي ڏينهن ۾ آراضي ۽ سيوهڻ جي ادبي سرگرمين سان گڏوگڏ مون دادو جي سنڌي ادبي سنگت جنهن کي ان زماني ۾ شاهہ آباد شاخ دادو سڏيندا ها ان ۾ شموليت اختيار ڪئي. سائين خان محمد پنهور جو سوٽ مجيد پنهور جيڪو مون سان گڏ پڙهيو آهي سو بہ انهيءَ ادبي سنگت ۾ مون سان گڏ هوندو هو. مجيد پنهور وڏي عرصي کان سنڌ يونيورسٽي جي انتظاميہ اندر ملازمت ڪري رهيو آهي. ان زماني ۾ شان راشدي انهيءَ ادبي سنگت جو سرواڻ هو جنهن ۾ دادو جا سٺا اديب اطهر منگي، نور گهلو، شمس سومرو سان گڏو گڏ سقراط سيتائي، ادل سولنگي، رزاق منگي بہ شريڪ ٿيندا ها. ڪڏهن ڪڏهن سائين استاد بخاري بہ ان ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪندو هو. ڪجهہ ٻيا دوست بہ ذهن ۾ اچن ٿا پر هاڻ نالا ياد نٿا اچن جو هڪ وڏو زمانو لنگهي ويو آهي. انهن سيني شاعرن اديبن جي محفل ۾ اسين صفا سيڪڙاٽ صرف پنهنجي شوق جي تڪميل خاطر موجود هوندا هئاسين ۽ خواهش فقط اها هوندي هئي تہ ڪنهن طريقي سان شايد ذات جو ذرو صحبت جي اثر هيٺ نصيب ٿي پوي.

1983ع ۾ انٽر پاس ڪرڻ کان پوءِ مون بي ڪام ڪرڻ جي واسطي سنڌ يونيورسٽيءَ جو رخ ڪيو ۽ بعد ۾ اسلام آباد جي قائداعظم يونيورسٽي ۾ معاشيات ۾ ماسٽرز ڪئي. تعليمي سفر جي ضرورتن هيٺ مون پاڻ کي شعوري طور تي شاعري ۽ تخليقي عمل کان الڳ رکيو ۽ ان ڏس ۾ مونکي قائل ڪرڻ ۾ چاچا ملازم سروري جو ڪافي اثر آهي جيڪو چوندو هو تہ مون ۾ تخليقي صلاحيت موجود آهي مگر

هن وقت سڄي توجهه تعليم ۽ تربيت طرف رکڻ گهرجي. مون يقيناً هڪ لائق شاگرد وانگر ان ڳالهه کي هنئين سان هنڊايو ۽ سڄو زور پڙهائي تي ئي رکيو. تعليم مڪمل ڪرڻ کانپوءِ روزگار جي مرحلي ۾ داخل ٿي ويس ۽ ائين تخليقي عمل کان بلڪل دور ٿي ويس البت شاعري ۽ ادب کي پڙهڻ ۽ ڪتاب دوستي جو تعلق هميشه قائم رهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪن خاص ڪيفيتن ۾ ڪجهه لکڻ تي دل ڪندي هئي ۽ لکندو به رهيو هوس مگر بدقسمتيءَ سان پنهنجي اوائلي زماني جي تخليقي شين کي چڱي نموني سنڀالي نه سگهيو آهيان ۽ افسوس اٿم ته اهي شيون گهڻي قدر ضايع ٿي چڪيون آهن.

مان نٿو ڄاڻان ته هن مجموعي اندر شامل منهنجي شاعري ادبي تنقيد نگارن تائين پهچي سگهندي يا نه مگر مون کي اهو اتساهه ضرور آهي ته اها ان قابل آهي جو ان کي تنقيدي مرحلي مان گذرڻ گهرجي. آءٌ ضروري ٿو سمجهان ته پنهنجي شاعري جي باري ۾ ڪجهه اعتراف ڪندو هلان جيڪي پڙهندڙن لاءِ عمومي طور تي ۽ نقادن لاءِ خصوصي طور تي اهميت رکن ٿا. هن مجموعي ۾ موجود شاعري گذريل تقريباً ويهارو کن سالن اندر تيار ٿيل مواد آهي. مون هميشه تعداد جي بدران معيار تي زياده ڌيان ڏنو آهي سو مواد ٿورو ضرور آهي مگر خود اصلاحي جي مستقل عمل مان گذرڻ باعث منهنجي ناقص راءِ يا خوشفهمي هيٺ ڪنهن قدر معياري ضرور محسوس ڪيو ويندو. هي محض عشق محبت جو اظهار ناهي بلڪ زندگيءَ جي طويل تجربن، پوڳنائن ۽ تلخ سوالن جي اپٽار آهي جن کي مون سڄي عمر سوچيو ۽ محسوس ڪيو آهي. ان ڳالهه جو به اعتراف ڪندس ته مان ڪو روايتي شاعر نه آهيان ۽ نه ئي مون پنهنجي شاعري ڪڏهن مختلف رسالن ۽ ميگزينن ۾ ڇپرائي بلڪ شاعري کي مون پنهنجي ذوق، شوق ۽ فڪر فلسفي جي اظهار جو هڪ خوبصورت ذريعو سمجهيو آهي. سو مير تقي مير جي بقول:

مجھ کو شاعر نہ کہو میر کہ صاحب میں نے
درد و غم کتنے کیے جمع تو دیوان کیا

اهو بہ سراسر سچ آهي تہ مون کي علم عروض جي الف ب جي بہ ڄاڻ ناهي ۽ فعولن مفاعيلن جي ياجوجي ماجوجي ٻوليءَ ۽ تڪ تور جي بہ خبر ناهي پر ان جي باوجود مون حتي الامڪان ڪوشش ڪئي آهي تہ بحر وزن کي برقرار رکي سگهجي ۽ شاعري ۾ خصوصي طور غزل ۾ لفظي چونڊ ۽ موسيقيت جو عنصر متيرو هجي. ائين شايد ان ڪري ممڪن ٿي سگهيو آهي جو مون اردو ۽ سنڌي شاعريءَ جو چڱو ڀلو مطالعو ڪيو آهي ۽ شاعري منهنجي پسنديده ترين مضمونن ۾ رهي آهي. ذهني طور تي غالب، فيض ۽ اياز جو معتقد رهيو آهيان. ان جو مطلب اهو هرگز ناهي تہ منهنجي شاعريءَ ۾ بحر وزن جون ڪوتاهيون ۽ ڪچايون ناهن. يقيناً اهڙيون خاميون هونديون ۽ مون جتي ان قسم جي ڏکيائي محسوس ڪئي آهي تہ شعوري طور تي بحر وزن جي مقابلي ۾ خيال ۽ فڪر کي فوقيت ڏني آهي. غزل جو گهاڙيتو هوندي بہ فڪري اپٽار لاءِ ناڪافي ٿي رهيو آهي جيئن غالب بہ چيو هو:

بقدرِ شوق نہیں ظرفِ تنگنائے غزل
کچھ اور چاہیے وسعت مرے بیاں کیلئے

بهرحال شايد اهڙيون خاميون بہ هجن جن جو مونکي ادراڪ ئي ناهي. اها بہ ڪوشش رهي آهي تہ غزل تي روايتي اردو ۽ فارسي غزل جي ڇاپ يا اثر نہ هجي ۽ اهو نج سنڌي انداز جو غزل هجي جنهن کي شيخ اياز اڳ ۾ ئي ڪمال جي درجي تي پهچائي چڪو آهي. موضوعاتي مناسبت جي ضرورتن تحت شايد اهڙا غزل بہ هجن جن کي روايتي غزل جي ڳاٽيتي ۾ رکبو پر اهڙو مواد شايد تمام گهٽ هوندو. ساڳئي نموني سان وائي جي گهاڙيتي ۾ بہ مونکي پڌن ۽ ماترائن جي ڪا ڄاڻ ناهي ۽ مون ان کي تخليقي لهر اندر جيئن ۽ جهڙو محسوس ڪيو آهي تيئن لکيو آهي پوءِ اهو روايتي اصولن ۽ حدبندين کان ٻاهر ئي چو نہ هجي. نظم مون گهٽ لکيو آهي ۽ مونکي هميشہ نظم لکڻ ۾ ٿوري مشڪلات محسوس ٿي آهي مگر جڏهن بہ لکيو آهي ان ۾ فڪر، رواني ۽ موسيقيت تي گهڻو ڌيان ڏنو آهي. بهرحال 'جهڙو حال حبيبان

سو ٿي پيش پريان' جي بنياد تي پڙهندڙن جي اڳيان حاضر آهي ۽ اميد اٿم ته پسند ڪئي ويندي.

ڪايو ڪَمايومِ، موتي مون نه وَڻجيا!
سِيهي جو سيَدُ چئي، وَکَرُ وِهايومِ!
هَھڙو حالُ سندومِ، توهَ تُنهنجي اُبهان!
(شاهہ لطيف)

آخر ۾ پنهنجن ڪجهہ مهربانن جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان جن جو مان بيحد احسانمند آهيان جو انهن هن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان مدد ڪئي آهي. پياري ڀاءُ ناصر پنهور جو مان شڪر گذار آهيان جنهن شاعري کي ڇپرائڻ لاءِ هميشہ همٿايو آهي نہ تہ مون جهڙي ڍرڙي ماڻهو کان اهو ڪم زور هو. ناصر پنهور سائين خان محمد پنهور جو ڀاڻج آهي ۽ سندس نقش قدم تي هلندي صحيح پوئلڳي ڪري رهيو آهي. ماحوليات جي حوالي سان موجوده سنڌ اندر هڪ وڏو نانءُ آهي ۽ ڪيترن ڪتابن جو مصنف ۽ مرتب آهي. سچ پچ تہ سائين خان محمد پنهور جون سڪون ٿو لاهي.

ناصر ڀاءُ جي معرفت ئي سائين وسيم سومري جي مهرباني ٿي جن پنهنجي خاص عنايت سان منهنجي شاعري متعلق هڪ مضمون لکيو جيڪو هن مجموعي اندر شامل آهي. سائين وسيم سومرو صاحب هڪ اعليٰ پايي جو شاعر آهي. سنڌ جو ماحولياتي منظر سندس شاعريءَ جو هڪ ڀرپور موضوع آهي جنهن جو اپڏو اثرائتو اظهار ورلي ئي ڪٿي نظر ايندو. ان ڳالهہ جو صحيح احساس ۽ ادراڪ سائين جي ۽ منهنجي نسل جا ماڻهو ئي ڪري سگهن ٿا جن سنڌ جي روايتي ماحولياتي ۽ ثقافتي رنگ کي نج حالت ۾ ڏٺو آهي ۽ هاڻ ان کي هوريان هوريان ناپيد ٿيندي ڏسڻ جو درد دل ۾ محسوس ڪن ٿا. مان وسيم صاحب جو دل جي اٿاهہ گهراين سان ٿورائتو آهيان. هنن ٻنهي شخصيتن لاءِ منهنجي دل مان دعا ٿي نڪري تہ رب کين شاد آباد رکي.

سائين نمر مهيسر سان منهنجو نيازمندي جو تعلق آهي. سائين

دراصل منهنجي نناڍي ياءُ مقصود انصاري جو دوست آهي ۽ پنهي جي تعليم و تدريس جي شعبي سان وابستگي آهي. مون کي سچ تہ اهو اندازو ئي ڪونہ هو تہ سائين نم صاحب جي ادب ۽ شاعريءَ ۾ بہ دلچسپي رهي آهي ۽ هو اخبارن ۾ ادب ۽ ثقافت جي حوالي سان لکندو بہ رهيو آهي مگر حيراني تڏهن ٿي جڏهن سائين فيسبڪ جي ذريعي منهنجي شاعري پڙهي پسند ڪئي ۽ مقصود جي ذريعي ڪجهہ مواد جو مطالعو ڪري هڪ مضمون ڪنهن اخبار ۾ بہ ڇپرايو. سندس وڏا وڙ جو هن مجموعي لاءِ بہ سائينءَ هڪ مضمون لکيو آهي جيڪو پڙهندڙ اڳيان پيش آهي.

هتي اهو اعتراف بہ ڪندو هلان تہ هن مجموعي جي ڇپائي جي هر مرحلي ۾ منهنجي نناڍي ياءُ مقصود جي محنت ۽ زحمت جو عمل دخل آهي ۽ انهيءَ جي ڪوشش ڪانسواءِ هي ڪم ممڪن ئي ڪونہ هو. مقصود هوندي تہ ادبي ميدان ۾ ايڏو سرگرم ناهي مگر هن ڪتاب جي ڇپجڻ جي سلسلي ۾ جس لهڻي. شايد ان جي پويان بہ سائين نم صاحب جي ذاتي دلچسپي ڪارفرما هجي. بهرحال مان پنهي جو شڪر گذار آهيان. رب تعالي ڪين هر منزل تي ڪاميابي عطا ڪري.

منهنجي ذاتي دوستن ۾ هر ڪنهن شاعري ڇپرائڻ لاءِ همٿايو آهي مگر سائين ثناءُ الله پنهور ۽ ساجد ميمڻ جو ذڪر ضروري ٿو لڳي جن جو مون کي قائل ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار آهي ۽ هميشہ اصرار ڪندا رهيا آهن. مان سندن ٿورائتو آهيان ۽ دعاگو آهيان تہ رب ڪين سلامت رکي.

الطاف انصاري

اسلام آباد.

آگسٽ 2024ع

غــزل

⊛

اکين جون خطائون، اکين جي اڳيان.
اوهان جون ادائون، اکين جي اڳيان.

هلي ڏس تہ موهن دڙي جي مٿان تون،
صدين جون صدائون، اکين جي اڳيان.

هليو آن عراقي سفر تي چڏي هت،
کيئي ڪربلائون، اکين جي اڳيان.

اڃان پيو تو آڇين بہ نامِ خدا تون،
هي ڪوڙيون ڪٿائون، اکين جي اڳيان.

پري ڪر پراڻي فڪر کي، اٿي ڏس،
نيون ڪوجنائون، اکين جي اڳيان.

ڪجي قصد ڪهڙو وفا جو، اڃن تيون،
دنيا جون جفائون، اکين جي اڳيان.

ڪوئي ڪيئن وساري سليقا سڄڻ جا،
روئاري رنائون، اکين جي اڳيان.

آهي عشق الطاف دل جي اڳيان ڄڻ،
ڏيئو ۽ هوائون، اکين جي اڳيان.

—

⊛

هي مورک تا سوچن چا هي پاک چا ناپاک؟
عقل تہ اڄ انسانن جو ٿو اورانگهي افلاک!

غفلت جي هيءَ ننڊ ننهوڙي ناس ڪندي ناچار
ڪاش! اياڳي قوم جو ڪوئي جاڳائي ادراک!

منهنجي ڌرتي "شاهہ" جي ڌرتي سڀ ڪنهن جي سُرتي
امن اسان جي آهي سجاڳپ، پيار سندي پوشاڪ

ڌرتيءَ چاين سان گڏ ويهي ڌونس نہ ڪر، ڌاريا!
هيٺ جهيٽو مون کي جاڙي، جهٽڪ نہ ڏي، جهيڙاڪ!

پاڻ منجهان ڪڍ پاڻ کي تون ۽ پيءُ پري پيالو
منڊ ڀٽائيندي آ ماڻهوءَ کي بيشڪ بيباڪ!

هيڪل، وياڪل تون ئي ناهين، بادل تورو بيهہ!
مان بہ هلان ٿو، مان بہ تہ آهيان تو جهڙو رولاک!

جانب جيڏو ڏور اسان کان وڃڻو ٿئي، تون وڃ
هينئڙو اسان جو آهي هجر جو هيڪاندو هيراک

هُو ڏينهن ناهن جيڪر رهيا، هي بہ تہ رهندا ڪِينَ
آخر چو الطاف ٿيو آن ايڏو تون غمناک؟

—

⊛

دل ۾ ارمان ڪيڏا هِن!.
تنهنجا احسانَ ڪيڏا هِن!.

قحط ڪيڏو قرارن جو،
سُورَ سامانَ ڪيڏا هِن!.

عشق ۾ تون متان سوچين!،
نفعا نقصانَ ڪيڏا هِن!.

پير، مخدوم، مولانا
دين ۾ دُڪان ڪيڏا هِن!.

رات سانت ۽ تنهنجون يادون
مون سان مهمانَ ڪيڏا هِن!.

جسم جُنبش ڪري نہ ڪري
جذبا ڏس جُوان ڪيڏا هِن!.

ويل اوکي وهي نہ سگهيا
يار مهربان ڪيڏا هِن!.

واٽ تنهنجي اچا تا ڏسن
نيڻ نادانَ ڪيڏا هِن!.

ماڻهپو ڪو نہ تو ڏسجي
هوندي بہ انسانَ ڪيڏا هِن!.

ڍونگ ڪن ٿا فرشتن جو
ماڻهو شيطان ڪيڏا هِن!

⊛

مسجد ڇاهي، مندر ڇاهي!
سيکجهه ماڻهوءَ اندر آهي

ماڻهو ئي تہ فرعون طبيعت
ماڻهو ئي تہ قلندر آهي

جيڪو ماري پنهنجي 'مان'
سو ئي يار سڪندر آهي

دل ئي ڪعبو دل ئي ڪاشي
دل ئي سُرتِ سمندر آهي

ٻن قاسم جو لشڪر، دنيا
دل کو ديبل بندر آهي.

—

⊛

راھ تڪيندا رھجي وياسون.
توکان شايد وسري وياسون،

وقت نہ ھو ڪو واچوڙو ھو!،
ڏوڙ مٽي تي اُڏري وياسون.

ايڏو نانءُ مِٽو ھو تنھنجو
نانءُ ڏٺيءُ جو پُلجي وياسون.

ڳالھيُن جو ڳاٽاٽو ناھي
تڏھين شايد چُپ تي وياسون.

ايڏا ويجھا ٿي وياسون جو
نيٺ اوھان کان وچڙي وياسون.

يادن جي ھَڙ ويڙھي سيڙھي
نينھن نگر مان نڪري وياسون.

حيرت حد کان ٻاھر ٿي وئي
چا نہ ھٿاسون چا ٿي وياسون!

گھاؤ دليلن سان ڪيئن پربا
سياڻا آھيون سمجھي وياسون

ويجهي جڏهين منزل آئي
جاٺي واٺي پٽڪي وياسون

هُن ڪنڌيءَ شل توسان گڏجون
هيءَ ڪنڌي جي أڪري وياسون

جن لئه تون الطاف جئين ٿو
تن ڪان شايد وسري وياسون

⊛

ڪوفا هزار جن ۾ ’هَل مِنۡ‘ جون هن صدائون
ساڳيا يزيدَ آهن، ساڳيون ئي ڪربلائون!

’غازا‘ جي سرزمين پي گهٽ ’نينوا‘ کان ناهي
گهورين جگر گوشہ ويٺيون جتان جون مائون

ڌرتيءَ تي حق تہ آهي هڪ جهڙو هر بشر جو
پوءِ ڇو ڪٿي غلامي، آزاد ڪي فضائون؟

اشلوڪ پي پڙهيا مون، پٿر کي پوڄيو پي
پر جن کي سچ هو ڄاتو، ڪُوڙيون هيون ڪٿائون

پورا! نہ ياڻ تنهنجي ڪارڻ آ پُونءِ ساري
هيءَ ڪائنات هيڏي، هيڏيون هي ڪهڪشائون

مون وانگي سهڻا سائين! توکي سڏِين ٿيون، ڏس!
ساوڻ جون هي هوائون، گهنگهور هُو گهٽائون

”الطاف“ ڪير ڄاڻي، ڪاڏي عدم اماڻي؟
ڏينديون رهن ستارن کي جنم ٿيون خلائون

—

⊛

چريا! ڪنهن کي چاهي ڏس!
نرمل نينهن نباهي ڏس!

ماڻهن جي ڳالهين کي ڇڏ تون
منهنجي من ۾ چاهي؟ ڏس!

پنهنجي پاڻ تي رک ويساهه
ڪوئي ڪنهنجو ناهي، ڏس !

توکي تنهنجي ڇانء مِلي پئي
مون کي دل تان لاهي ڏس!

دل ئي ماڻهوء جو معبد آ
مندر، مسجد، ڍاهي ڏس!

جيڪو توڙ نِبائي ڇائي
هِتِ ڪو اهڙو آهي، ڏس!

شڪَ ۽ يَڪَ جي دوراهي تي
ڍينگو سارو ڍاهي ڏس!

لَنوُ الطاف لڳائي ڪنهن سان
دل جي دنيا ناهي ڏس!

—

جُزُ آ يا ڪُل آ؟ نہ ٿو ڄاڻان!
ڇا ماڻهوءَ مُل آ؟ نہ ٿو ڄاڻان!

ڪهڙو اساسي عنصر سڏّبو؟
خوشبو يا گُل آ؟ نہ ٿو ڄاڻان!

شڪ ۽ پڪ جي وچ ۾ آهيان
يا ڪا توڪُل آ؟ نہ ٿو ڄاڻان!

ڪير ٿو ڄاڻي ڪير حُسيني؟
يا ڪُوفو ڪُل آ؟ نہ ٿو ڄاڻان!

جُوءِ ڇڏّڻ هن جيوَن پَٽ تان
آسان آ مشڪل آ؟ نہ ٿو ڄاڻان!

سيڪجهه هوندي هي من موڳو
ڇو وياڪل آ؟ نہ ٿو ڄاڻان!

ٻول هي منهنجا ڪوٽا سڪا
يا موتين تُل آ؟ نہ ٿو ڄاڻان!

أنسَ بنا آهي انسان بي معنيٰ
دين ڌرم جا سڀ درمان بي معنيٰ

پنهنجي معنيٰ پاڻ ئي توکي ڳولڻي آ
هيءُ جيونُ آ، اي انسان! بي معنيٰ

جو ڄاتو آ، لاتو آ تنهن حيرت ۾
اڻ ڄاتي تي پو ايمان بي معنيٰ

اندر جي الهام تي آڻي ڇڏ ايمان
مفتي صاحب جا فرمان بي معنيٰ

تون جو اسان جو ناهين پوءِ او سانولڙا
ساوڻ ۽ سارنگ سامان بي معنيٰ

اچڻي جا آهي سا نيٺ تہ وڃڻي آ
ويندڙ شي تي ڪو ارمان بي معنيٰ

ماڻهن ئي "الطاف" مُنجهائي آ معنيٰ
ڪانهي گيتا يا قرآن بي معنيٰ

—

❁

ٺڪانو نہ ڪوئي خزانوتو گهرجي
جيئڻ لئہ پلو ڪو بهانو تہ گهرجي

لڳي جهٽ ٿي جيءَ منجهہ جايون ڏيڻ ۾
مگر دل پلڻ لئہ زمانو تہ گهرجي

حقيقت حياتيءَ جي ڪيڏي ڪساري
نظر ۾ ڪو سپنو سُهانو تہ گهرجي

اِجها مُند ملهاري وري موتي آئي
تمنا سندو ڪو ترانو تہ گهرجي

اسان وٽ تہ آهن تجربا ۽ تلخيون
زمان کي ليڪن فسانو تہ گهرجي

هتي سيڪو الطاف سيکجهہ گهري تو
ڪتي توجيان ڪو يگانو تہ گهرجي؟

—

⊛

زندگي موڪلائي، انهيءَ ڪان اڳي
اڄ ملون مسڪرائي، انهيءَ ڪان اڳي

مُند آهي ملڻ جي سا ملهائي وٺون
ڪو وڇوڙو ورائي، انهيءَ ڪان اڳي

رنج راحت سدا ناهه، سمجهي ڇڏيون
روح ڪوئي رنجائي، انهيءَ ڪان اڳي

هڪ، خدا جي خدائي بہ خطري ۾ آ
ڪِئين ويا موڪلائي انهيءَ ڪان اڳي

ڪو تہ مفتيءَ ڪي مِنبرَ تان لاهي اچي
ڪو ممڻ هي مچائي، انهيءَ ڪان اڳي

هيءَ گهڙي پي نہ "الطاف" گذري وڃي
گهارِ سا گُنگنائي، انهيءَ ڪان اڳي.

—

⊛

جڏي جيئڙي کي جيئاري سگهون ٿا.
اوهان کان سوا ڀي گذاري سگهون ٿا.

ڀيو ڪجهه اسين خير ڄاڻون نہ ڄاڻون،
پکي پريتڻي جا اُڏاري سگهون ٿا.

اوهين چاھ جي راند جاري ٿي رکجو،
اسين ڄاڻي واڻي ٻہ هاري سگهون ٿا.

ڪريو قهر واري نظر ٿي ڪريو،
منجهان نينهن نرمل نهاري سگهون ٿا.

اچو آدميءَ سان ڪيون پيار پوڄا،
ائين ٿي تہ جيون اُجاري سگهون ٿا.

ڏکيرو ھِي ڏونگر وجودي وِنڌُرَ جو،
نہ ڏوري سگهون ٿا نہ ڏاري سگهون ٿا.

اوهان ٿي تہ آهيو حياتيءَ جو حاصل،
اوهان کي ٻہ ليڪن وساري سگهون ٿا.

اجان سانگ الطاف سِرجي سگهن ٿا،
اجا سينڌ سنڌ جي سنواري سگهون ٿا.

—

⊛

پرتوي ڪيڏي پراڻي؟ ڪير ٿو ڄاڻي؟
ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي، ڪير ٿو ڄاڻي؟

ڪنڏي هُن ڪاڪ جي آهي نہ آهي!
لُڏاڻي جي ڪهاڻي، ڪير ٿو ڄاڻي؟

اچانڪ ئي عدم جي آجيان ٿيندي
ڪڏهن آ موڪلاڻي، ڪير ٿو ڄاڻي؟

فنا ۾ ئي بقا آهي ٻُڌون ٿا پر
اِنهي جي پڪ پڪاڻي، ڪير ٿو ڄاڻي؟

پُلاڻي ڇڏ سچو پئہ تون قيامت جو
اچي ٿي اڄ سياڻي، ڪير ٿو ڄاڻي؟

ويا وينجهار ڪيڏا سمنڊ اورانگهي
واڻي جن جي وجوداڻي، ڪير ٿو ڄاڻي؟

هتان هلبو تہ آخر دم ڪٿي پٽبو؟
حقيقت هيءَ نماڻي، ڪير ٿو ڄاڻي؟

اڙي الطاف! تنهنجون ڳالهيون ڳوڙهيون
علامت شاعراڻي، ڪير ٿو ڄاڻي؟

—

نيڻ نماڻا، ڪير وساري؟
پيارَ پراڻا، ڪير وساري؟

منهنجا عرض ايلاز اياڻا،
تنهنجا ماڻا، ڪير وساري؟

مَن منجهہ جي أجري جَرَ تي،
آڙي اڏاڻا، ڪير وساري؟

ٻُڪ بدن جي وسري ويندي،
روح جا راڻا ڪير وساري؟

ڏُولهہ دريا، دودي جهڙا،
ڏِڱ ڏڱاڻا، ڪير وساري؟

رات رناسون جن لئہ، سي سيي
سيڻ سياڻا، ڪير وساري؟

آہ الطاف وري ورجايون
گيت پراڻا ڪير وساري؟

—

کيڏ ساري ڪاربي ناهي ڪڏهن
ڄاڻي واڻي هاربي ناهي ڪڏهن

زندگي زنده دليءَ جو نانءُ آ
ڱهڻجي ڱهڻجي گهاربي ناهي ڪڏهن

بي وفائيءَ کي ڀُلائڻ ئي ڀلو آ
ور ڏئي وِيچاربي ناهي ڪڏهن

درد سان جا دوستي ڏاري نہ ٿي
دل تہ اهڙي ڏاربي ناهي ڪڏهن

چئي ڏجي، جا ڏسجي ٿي، اکين اڳيان
ڳالهہ حق جي ٽاربي ناهي ڪڏهن

پاڻ ئي پنهنجي سڃاڻپ ٿي هجي
ذاتِ کا ڏيکاربي ناهي ڪڏهن

مُلهہ مهانگي شيء، محبت آهي سا
بي قدر ٿي واربي ناهي ڪڏهن

ٿيڙ، ٺاہا ڪائي آخر ڄاڻبو آ
سُرتِ يَرَ سيڪاربي ناهي ڪڏهن

ڳالهہ ٻڌ الطاف جي، هيءَ زندگي
ڳڻتين منجهہ ڳاربي ناهي ڪڏهن

رڻ ۾ تو بن، رات ٺري آ.
اندر ۾ ڪا آڳ ٻري آ.

توکي تنهنجي حال ۾ ڇڏجي،
سهڻا سائين ڳالهہ ڳري آ.

منهنجي نيڻان جُهڙ نہ لٿو آ
تنهنجي مُک تي مُرڪ تري آ

هيل ٻہ تو لئہ هينئڙو هِرکي
وريو سانوڻ يار وري آ

تنهنجي دل جي تون تو ڄاڻين
منهنجي تو بن ڪانہ سري آ

دل تہ اجا ٻي آس وندي آ
دل ڪي ڇاهي؟ دل تہ ڇري آ

هُن پر ڪيڏا گل ٽڙيا هِن
هِن پر ڪا ٿي باهہ ٻري آ

ڏک ٿي پنهنجو ڏِہ ٻڻيو آ
ترٽي آخر ڪار ٿري آ

او الطاف اياڻا ڇا ٿيو؟
ڇو اڄ تنهنجي ڊار ڊري آ.

۞

هوءِ پريت پرائي، ڇا ڇئجي، ڪجھ ياد رهي، ڪجھ وسري وئي
هِن دل جي ڪهاڻي، ڇا ڇئجي، ڪجھ ياد رهي، ڪجھ وسري وئي.

جا نرمل نينهن نياڻي وئي، جا ڪومل قرب ڪمائي وئي
سا نار نماڻي، ڇا ڇئجي، ڪجھ ياد رهي، ڪجھ وسري وئي.

ڇا رنگيءِ رنگ رچايو آ؟ ڇا سانگيءِ سانگُ سجايو آ؟
اڄ ڪالهہ، سياڻي، ڇا ڇئجي، ڪجھ ياد رهي، ڪجھ وسري وئي.

هو اشڪُ نہ هاريو نيڻن کو، هو سنڪُ نہ ساريو سيڻن کو
هوءِ پريت پڇاڻي، ڇا ڇئجي، ڪجھ ياد رهي، ڪجھ وسري وئي.

هوُ لوڙهہ، پَبڻ، هُو ڪُمَ ءِ ڪُوڙيون، ٻهہ منڇر جا، ٻَن، ٻُوراڙيون
ڪا آڙي اڏاڻي، ڇا ڇئجي، ڪجھ ياد رهي، ڪجھ وسري وئي.

الطاف اڃان ٻي ياد اچن ٽيون، ٻاراڻي، جوين جون ڪهاڻيون
جا گذري، هاڻي ڇا ڇئجي، ڪجھ ياد رهي، ڪجھ وسري وئي.

—

⊛

ڪوڙو سچو چاهه نه ڪر.
ماڻهوءَ تي ويساهه نه ڪر.

ماڻهوءَ کان مايوس سهي تون،
چانڊوڪيءَ سان چاهه نه ڪر.

اُلجهين ڇو تو هر ماڻهوءَ سان؟
پنهنجي پاڻ سان ناهه نه ڪر

ڪيڏو ڏير انائن جو ٿئي!
اندر تورو ڏاهه نه ڪر.

غفلت غيرن ساڻ نهي تي،
پنهنجن جي پرواهه نه ڪر.

پنڌ پرانهون ٿئي پانڌيڙا،
ساڻ ڪوئي همراهه نه ڪر.

پونءِ پلاريءَ جي پاڳن لاءِ،
وٺڪارون، وٺراهه نه ڪر.

واڪو تنهنجي وس جي ناهي،
گهٽ ۾ گهٽ ڪا آهه نه ڪر.

او انصاري تون پي ڪنهن جي،
دل سان دل جي راهه نه ڪر.

⊛

سُجهندي ۾ ٿي سار لهي وڃ
يار! اِجهو ٿو سڄ لڙي

ٿنَ ۾ ڪيڏي تنهنجي تانگهه
تو لاءِ منهنجو روح رڙي

ماٺي جيون سفر، سڦلتا
جي ڪو جيءُ سان جيءُ جڙي

آهيون اُنهن مان يا ناهيون!
مون ڪي منجهايو مُئن ڏڙي

منهنجو محمد (ص) منهنجو رام
تنهنجو ڇو ٿو ساهه سڙي؟

ماڻهوءَ جي يا مذهب جي
تون ڏس! آهين ڪهڙي ڌڙي؟

—

گهڙيل سڀ کي اوڻ هجي ٿي.
هر ڪنهن ڪاڙي چوٽ هجي ٿي.

ڪوبہ مڪمل هت ڪونهي ڪو،
هر هستيءَ ۾ ڪوٽ هجي ٿي.

هر لمحو ڀرپور گذاريو
هر شيءِ هت اڻ موٽ هجي ٿي.

سا دل پائي سُرتِ، سجاڳي
جنهن دل تي ڪا چوٽ هجي ٿي.

بي اونو ٿي انت انهيءَ ڪان
لاڀ لهين يا ٽوٽ هجي ٿي.

سوچي سمجهي هل انصاري!
ڪَرَمَن جي ڪا موٽ هجي ٿي.

—

⊛

مان نہ فرشتو، مان نہ خدا!
مون کي بس انسان رهڻ ڏي

مالڪ پنهنجو عين محبت
دڙڪي لئہ شيطان رهڻ ڏي

اندر جي آواز تي هل تون
مفتيءَ جو فرمان رهڻ ڏي

نِوڙت تي ئي ناز نهي ٿو
اشرف جو امڪان رهڻ ڏي

خدمت ۾ ئي آهي عبادت
باقي سڀ ارڪان رهڻ ڏي

پرم نہ پورا ڪر تون وفا جو
محبت تي ايمان رهڻ ڏي

مشق ستم جي جاري رکجان
دردن جو درمان رهڻ ڏي

جيسين جيئرو آن انصاري
من ۾ ڪو مهمان رهڻ ڏي

—

روح جا رانول رات رهي ويا.
ٺڳ نيڻن جا سيئي لهي ويا.

اهڙا منهنجا جيءَ جيارا،
پاڻ رُسي پيا، پاڻ لهي ويا.

واريا سي جي واٽ وجودي،
واءُ لڳو ۽ پير ڍهي ويا.

مورک ماڻهن پاڻ پٽيو پئي،
سياڻا ماڻهو سُور سهي ويا.

تو تہ اڱڻ تي پير نہ پاتو،
اُبري ڪيڏا سج لهي ويا.

جاڳ نہ آئي ياڳ ٻُلائي،
لاڳ لنوائي ڪيچ ڪهي ويا.

يارن جون الطاف ٻلايون،
اوکي سوکي ويل وهي ويا.

—

⊛

جڏهن کان چاهه ڪونهي ڪو،
لڳڻ ۾ ساهه ڪونهي ڪو.

وفائن کي ته ورجايون،
مگر ويساهه ڪونهي ڪو.

وري رلجي پون راهون،
اهو اتساهه ڪونهي ڪو.

رقيبن ۽ رواجن سان،
اسان جو نباهه ڪونهي ڪو.

بشر جي بي نوائيءَ کان،
بشر آگاهه ڪونهي ڪو.

ستاريو لوڪ اهڙو ڇڻ،
سندم الله ڪونهي ڪو.

الائي ڪيئن سفر ڪٽندو،
ڪوئي همراهه ڪونهي ڪو.

وڏي عرصي کان اکڙين مان،
لڙيو درياهه ڪونهي ڪو.

ڏيئو ڏاهپ جو پاريو آ،
اندر اونداهہ ڪونهي ڪو.

هلي پيو حسن سان حيلو،
قصو ڪوتاهہ ڪونهي ڪو.

اچي الطاف سان اوريو،
بندو بدخواهہ ڪونهي ڪو.

⊛

پل پل ڪنهن جا پُور هُئا جي، سي ڪٿي هاڻي!
سيني اندر سُور هئا جي، سي ڪٿي هاڻي!

هئي جواني ديواني ۽ جذبا پيي ها هيجاني
محبت جا مذڪور هئا جي، سي ڪٿي هاڻي!

توسان گڏجي گهاريل لمحا، سندرتا جا سپنا
مون نہ وساريا ضُور هئا جي، سي ڪٿي هاڻي!

سات سهارا، جوين وارا، سپنا منهنجا سارا
ڪلهہ تائين پرپور هئا جي، سي ڪٿي هاڻي!

سيڻ سجيلا، نيڻ نشيلا، پنهنجا روح رسيلا
چانڊوڪين ۾ چُور هئا جي، سي ڪٿي هاڻي!

رانول منهنجا، سانول منهنجا، قهري قاتل منهنجا
اوڏا هوندي ڏُور هئا جي، سي ڪٿي هاڻي!

نيڻ نماڻا، هَنجُن هاڻا، منهنجي گهاڻ، اياڻا
گهايل تنهنجي گهُور هئا جي، سي ڪٿي هاڻي!

—

⊛

واعدن کي ورجاءِ ڪٿي.
گيت پراڻو ڳاءِ ڪٿي.

ڪجھ ته ڪرڻ جي ڪاوش ڪر،
توڙي دل تڙپاءِ ڪٿي.

لفظن کان لاچار سهي،
نيڻن سان ڳالهاءِ ڪٿي.

سنڌُن ۾ ڪو ساهه پوي
روح رڳي ريجهاءِ ڪٿي.

ڳهرجي ڪو گهر گهاٽ نٿو
جيءُ ۾ ٺي ڏي جاءِ ڪٿي.

هاءِ! حياتي چار ڏهاڙا
چار گهڙيون ته نياءِ ڪٿي.

هينئڙو هلڪو ٿي پوندو،
مرڪي ڏس مون لاءِ ڪٿي.

شوق فقيري عشق الستي،
چيرين کي چمڪاءِ ڪٿي.

چاهت جي چانڊوڪيءَ ۾،
جيون کي جرڪاءِ ڪٿي.

دنيا کي بدلائڻ اوکو،
پاڻ کي تون بدلاءِ ڪٿي.

ارڏائي الطاف نہ ڪر،
پرين کي پرچاءِ ڪٿي.

—

⊛

خدا ڄاڻي ڪهڙي خفي ۾ هياسين.
هُيو نينهن ڇڻ ڪو نشي ۾ هياسين.

ملاپن ۾ آپي ڪان ٿياسين نہ ٻاهر،
وڇوڙن جي وچ پي مزي ۾ هياسين.

منافق سڏيو ڪنهن تہ ڪافر چيو ڪنهن،
اسين صوفين جي لڏي ۾ هياسين.

عقل جي عياريءَ اُجاڙيا الاهي،
ڇگو ٿيو جو دل جي ڇڻي ۾ هياسين.

خوشيون سڀ اوهان ڏي خسارا اسان لئہ،
پرين پاڻ پوءِ پي نفعي ۾ هياسين.

نہ ڪو وڙ نہ الطاف تو وٽ وڪر ڪو،
نلهي هار! موهن دڙي ۾ هياسين

—

ٻولڙيون ٻاروچيون، ڪيئن ٽيون وسري سگهن؟
چيٽ جون چانڊوڪيون، ڪيئن ٽيون وسري سگهن؟

گهاريون جيڪي گهڙيون گڏ گهٽائن ۾ اُهي
مُند جون مينهوڳيون، ڪيئن ٽيون وسري سگهن؟

پيار جون، پاٻوھ جون، دشمنن جي ڏوھ جون
سُونهن جون ساروٽيون، ڪيئن ٽيون وسري سگهن؟

اڄ ٻـ آهن ياد جن جون، راحتون ۽ رنجشون
قُربتون ڪالهوڪيون، ڪيئن ٽيون وسري سگهن؟

انتظاريون ۽ اداسيون، هيڪلايون هجر جون
ساعتون ساڳوٽيون، ڪيئن ٽيون وسري سگهن؟

پاڻ سان الطاف جيڪي اوريون مون عمر ڀر
ڳالهيون سي ڳوريون، ڪيئن ٽيون وسري سگهن؟

⊛

عُمر آرام سان ڪٽجي،
اگر هُو ڏيان تان هٽجي،

پراڻي پيار جو پاڇو
هٽايان ٿو، نہ ٿو هٽجي،

لڳي آ چوٽ موچاري
وساري ڪيئن ٿي سگهجي،

ڇڳو آ ڇپ نٽا ڇوريون
ڇڻي آخر بہ ڇا ڇڻجي،

وفا جن جو وکر ناهي
انهن کي واٽ تي ڇڏجي،

اڪيلائپ جو اُلڪو آ
مگر ميلو متو ڇڏجي،

سنا ٿئين سور سارا پر
پَٽاري دل نہ ٿي پرجي،

جتي ڏس ميڙ ماڻهن جو
وڃي آخر ڪٿي رهجي،

جتي مذهب، نہ مولانا
اتي ٿي گهر هلي اڏجي

وري ڪنهن سان لڳايون دل
وري ڪو نئون جنم ونجي

ميان! الطاف انصاري!
هتان هاڻي هلي پئجي.

—

كو كيئن تنئي تيار، تيئن ڏار، توكان يار
”مون پيار كيو، پيار كيو، پيار كيو، پيار“

مذهب سان يا منصب سان نہ، ماڻهوءَ سان اٿم پيار
”ها آءٌ گنهگار، گنهگار، گنهگار“

اڄ جيءُ چوانءِ، صدقون تيانءِ، چاهہ ڏيانءِ يار
اڄ منهنجي اڱڻ تون پرين، هڪ وار نہ، سئو وار

پل پل کي جيون، پوءِ ملون يا نہ ملون يار
هيءَ راهہ گذر، سات سفر، ڏينهن مڙئي چار

کو چا تہ ڪري، چنڊ ٿو ٻري، رات ٺري يار
ڏي جام ڀري يار، مون کي يار، اڙي يار

زندان مان زلفن جي رهائي نہ ٿي گهرجي
مان تنهنجو گرفتار، سدا يار، گرفتار

تون راز جو راٺو آن، سڏائين نہ سڏائين
مان توڏي اڃڻ ڪاڻ هميشہ ٿي طلبگار

الطاف ”اياز“ آهي جو لکيو، وري ورجاءِ
”مون پيار كيو، پيار كيو، پيار كيو، پيار“

—

مرڪين ها، منتر بہ ڪرين ها.
جذبن جا جنتر بہ ڪرين ها.

ڪامين پيو ڳوري جان اندر
ٻاڦ اها ٻاهر بہ ڪرين ها.

سُوڌَ ۾ ساهہَ سمورا ڏيان ها،
عشق ۾ ڪا اوڙر بہ ڪرين ها.

هجر جو هيڏو تر اورانگهي،
ايندڙ جو آڌر بہ ڪرين ها.

ڏوهہ ٻين کي ڏيڻ کان پهرين،
پاڻ کي ڪجهہ بهتر بہ ڪرين ها.

ڄاڻين ها! ڇا دل تي پوڳي،
دشمن جان، دلبر بہ ڪرين ها.

سُور اکين تي سڀ سهٺا پر
همدردي هيڪر بہ ڪرين ها.

ضد ناهي هر بار ضروري،
صبر سندو زيور بہ ڪرين ها.

ڪم کهڙي جي هيءُ رولاڪي،
انصاري! ڪو گهر بہ ڪرين ها.

—

⊛

چو تہ ڪيون دردن جون ڳالهيون؟
ڪونهن ڇا پوڳن جون ڳالهيون؟

ڪافي ٿيون لُڙڪن جون ڳالهيون!
هاڻ ڪجن ٽهڪن جون ڳالهيون

مون ڪي مذهب سڀ عزيز
تون تہ ڪندين ويڇن جون ڳالهيون!

مورک! مون وٽ مور نہ ملندئي
نفرت جي نعرن جون ڳالهيون

مون سان ڪر تون ميٺ محبت،
جاڳرتا، جذبن جون ڳالهيون

جڻ ڪي تارا ٽمڪي پيا هِن
ياد آيون جوڀن جون ڳالهيون

نيٽين نير وهي ويا ڪيڏا!
سارينديءَ سڄڻن جون ڳالهيون

صدين تائين صدائون اچن ٿيون
آهن بس لمحن جون ڳالهيون

توڪان ئي اتساهہ مليو هو
تو بہ ڪيون ڳڻتين جون ڳالهيون

ڪن پل جو ٿئي کيل تماشو
سوچ نہ تون ورهن جون ڳالهيون

لوڪ ڪي چاهي لوڪ ڪندو پيو
طعنن ۽ مهڻن جون ڳالهيون

انصاريءَ وٽ آءٌ تہ ڪريون
سندر ڪجهہ سپنن جون ڳالهيون

⊛

وري دل لڳائڻ تـي دل تـي چـوي،
نـئين چوٽ کائڻ تي دل ٿي چوي.

وري ڪنهنجي پاڪر کي پيڻا ڏئي،
لـڏوئـي لـٽـائـڻ تـي دل تـي چـوي.

وري ڪو بسنتي بدن تو سڏي پيو،
وري مُند ملهائڻ تي دل ٿي چوي.

وري ڦُل ڦُلاريا سرنهن پيلا پيلا،
سجڻ کي سڏائڻ تي دل ٿي چوي.

اڙي درد! ايڏو نـ دلگير ڪر تون،
منهنجي مسڪرائڻ تي دل ٿي چوي.

او مُلان! نـ بڪواس ڪر بندگيءَ جي،
اجـان نـاچ ڳـائـڻ تـي دل ٿـي چـوي.

سزائـن مـان آيـو سـواد آهـي ايـڏو،
خـطـائـون وڏائڻ تـي دل ٿـي چـوي.

وري آءُ الـطـاف جيـون سـفـر کـي،
نـئين دڳ لڳائڻ تي دل ٿي چوي.

—

⊛

اسان جي عشق جا آرا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا
ڪجن ٿا درد جا چارا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا

اسان جو ساھُ سَرتيءَ سان، اسان جو عشق ڌرتيءَ سان
لڳن پيا نينهن جا نعرا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا

اوهان جي سات جون سارُون، اسان جي درد جو دارون
اوهان جا سُور سيپارا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا

ڪڏهن جُهڙُ آهي نيڻن ۾، ڪڏهن رمرجهم سڄي بَنَ ۾
وسن وَر ور ٿا وسڪارا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا

هُو سپنا قربتن وارا، هُو صدما فرقتن هارا
اچن ٿا ياد سي سارا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا

غمِ دوران بہ پوڳيوسين، غمِ جانان بہ پوڳيوسين
ڏناسين ڏينهن جا تارا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا

اوهان تان ساھُ سِرُ گهوريو، اچي الطاف سان اوريو
ڪي پنهنجا پُور او پيارا، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا

—

⊛

نہ بر ۾ رھياسين، نہ گھر ۾ رھياسين.
سڄي عمر ھِڪڙي سفر ۾ رھياسين.

يا وارن جي ڪاري ڪَڪَر ۾ رھياسين،
يا نيڻن جي قھري قھر ۾ رھياسين.

ڪٺي موج مستي سدا محفلن ۾
اڪيلا اڪيلا اندر ۾ رھياسين.

اسان جي رَوِش ڇا اسان ڪان پڇو ٿا؟
لڳي لاڙ جي لنوڻ، اُتر ۾ رھياسين.

وڃي عمر گذري، جبر جي فضا ۾
نماڻي، نڌڻڪي، نگر ۾ رھياسين.

ڪڏي سين نہ ڪنھن ساڻ ويساھ گھاتي،
مگر پو بہ شڪ جي نظر ۾ رھياسين.

جتي ڄانورو ڪر مليو ڄاھڻ جو،
اسان سمجھيو ڄڻ تہ گھر ۾ رھياسين.

نہ ڪا دشمنن جي چڱائي لِڪائي،
نہ يارن جي منفي اثر ۾ رھياسين.

اسان جي خطا بس اھا ئي تہ آھي،
سدائين وفا جي چڪر ۾ رھياسين.

رھي ڪا نہ الطاف دل ۾ خلِش ڪا،
شڪر سان ھلياسين، صبر ۾ رھياسين

⊛

حُسن کي سلامي، اڙي دل! اڙي دل!
تنهنجي سِر غلامي، اڙي دل! اڙي دل!

نہ ٿئي ياد جو تون وڇوڙن جي ويلي
وٺين ٿي وِسامي، اڙي دل! اڙي دل!

اجان آڳ اڳين عذابن سندي پي
تہ ناهي اُجهامي، اڙي دل! اڙي دل!

جُدائي کي پنهنجي وجودائي وٺ تان
ويو ڇڻ اڏامي، اڙي دل! اڙي دل!

اجان ناز تنهنجا، نوان ساز تنهنجا
وَهي وئي وِهامي، اڙي دل! اڙي دل!

ٻڌي ڇڏ او ٻوڙي، محبت جي مُوڙي
اٿئي نا تمامي، اڙي دل! اڙي دل!

اُٿي آيتون اور کي پڙهہ ڏٺيءِ جون
کو سچل کو سامي، اڙي دل! اڙي دل!

نوان رنگ الطاف تنهنجا، خدا شل
ٿئي تنهنجو حامي، اڙي دل! اڙي دل!

—

❁

ڦٽ پراڻا هيا.
لوڻ هاڻا هيا.

تنهنجي ديدن بنا،
ساهه ساڻا هيا.

منهنجو آزيون هيون،
تنهنجا ماڻا هيا.

تار منجر هيو،
خوش مهاڻا هيا.

ڪي پکي پيار جا،
ڪلهه اڏاڻا هيا.

ساٿ جن ئي ڇڏيو،
سڀ سياڻا هيا.

ياد تازي رهي،
پل پراڻا هيا.

نيڻ ننڊن بنا،
تو پڄاڻا هيا.

سڀ اوهان جا ستم
دوستاڻا هيا.

گهاوَ جن يي ڏنا
مک نماڻا هيا

خواب جيڪي ڏنا،
عاشقاڻا هيا.

خيال الطاف جا،
شاعراڻا هيا.

⍟

نہ ساڳو تون رهيون آهين نہ ساڳو تنهنجو پيار آهي
”اُهو ئي آءٌ آهيان ۽ اُهو ئي انتظار آهي“

هلي پيو حسن سان حيلو، ڪجي پيو رزق جو سعيو
ڪڏهن غم عشق جو آهي، ڪڏهن غم روزگار آهي

پلائي جڏ پلي مون کي، پلي ڪر پالَ غيرن سان
اسان جي ڳالهہ ٻي آهي، اسان جو توسان پيار آهي

وصالئون ڀوءُ وڇوڙي جو، فراقئون فڪر مُرڻي جو
سباجهي دل نہ ٿي سمجهي، سدائين بي قرار آهي

نہ ڪوئي لوڀ جنت جو، نہ ڪوئي ڊپ جهنم جو
خدا آهي فقط محبت، اسان کي اعتبار آهي

خدايا ڪهڙي دوزخ ۾ اسين پيا ساهہ هي سوريون؟
رڳي جت ڏونس ۽ دهشت، رڳي جت انتشار آهي

جُڳائي ڪِين انصاريءَ سان ايڏي توکي مغروري
اُٺي ڪر آجيان در تنهنجي آيو خاڪسار آهي

—

۞

رات مون وانگيان ٿي رُلندي رهي.
چنڊ جي چاهتن ۾ پٽڪندي رهي.

روح جي رات ۾ چانڊوڻي چاهه جي،
جاڳ کي جوت ڏئي جرڪندي رهي.

انتظاريءَ ۾ اکڙيون ڏيئا ٿي ويون،
يادگيرين سندي لاٽ ٻرندي رهي.

صبح صادق جي سيني ۾ اُڌما اٿيا،
مکڙين جي مٽان ماک ٽمندي رهي.

ذهن جن کي وسارڻ ۾ ضايع ٿيو،
دل انهن جا پتا پار پڇندي رهي.

شوخ نظرن اشارن ۾ نياپا ڪيا،
شادمان شاخ دل جي مرڪندي رهي.

پيار جي پنڌ ۾ پير ٿي ويا پٿون،
دل ته دردن پراون ۾ ڏڙڪندي رهي.

—

ماٺ تي مَنَ کي مُنجهائي ڪو تہ ڳالهائي!
سچ جي سگهہ آزمائي ڪو تہ ڳالهائي!

لڙڪ هارڻ سان نہ ٽي آفت ٽري ڪائي
درد کي طاقت بڻائي ڪو تہ ڳالهائي!

ثابتي سچ جي تہ هوندي سؤ غلافن ۾
ڪوڙ جا پردا هٽائي ڪو تہ ڳالهائي!

خوش خرامي ۾ ڪلي ڪيڪاريندو هرڪو
رنج، غم ۾ مسڪرائي ڪو تہ ڳالهائي!

دل جي دل سان آشنائي نيڻ ٿي ويندي
نيڻ نيڻن سان ملائي ڪو تہ ڳالهائي!

عشق ۾ جنهنجي وري ڪي ڳاڙهن ڳوڙها
پريتڻي جو پيچ پائي ڪو تہ ڳالهائي!

⊛

ماڳ ئي من جو مٺائي ٿا ڇڏن!
هاءِ! هي رستا رُلائي ٿا ڇڏن!

پوٽ هي پوٽار سڀ هن پونءِ جا
ياڳ ئي سارا ڦٽائي ٿا ڇڏن!

ماڻ ڪر ٽِن ٽي، مٽيءَ جي موھ ۾
پاڻ کي جيڪي پُلائي ٿا ڇڏن!

لڳ لاڳاپا لوڪ جا، پرلوڪ جا
درد جي ڏونهين ڏکائي ٿا ڇڏن!

هونئن تہ هڙئي نقش هُن جا دلنشين
نيڻ پر نهنڻا تہ گهائي ٿا ڇڏن!

جڳ ڇڏيندا پيا وڃن جوڳي مگر
جيءَ کي جهوري لڳائي ٿا ڇڏن!

پُور هي الطاف ڪنهنجي پيار جا
روح کي روڳي بڻائي ٿا ڇڏن!

—

⊛

كري سگهياسون نہ كوبہ جل تل
كٽيون كٽيون ٽي وسي وياسين

جفا اوهان كي جُڳائي جُڳ جُڳ
اسين تہ سڀ كجھ سهي وياسين

سوال سارو أكير جو هو
اوهان پكاريو، اچي وياسين

پرانهون پنڌ هو، اڙانگي منزل
رُلي رُلي پر رَسي وياسين

عجب جو سمجهي سگهي نہ دنيا
اسين تہ سچ سارو چئي وياسين

گذاري جيون كي پريت كارڻ
ڏيئو هوا ۾ ركي وياسين

—

پنهنجا ساڳيا پارَ پراڻا!
تو بن کهڙا يار نڪاڻا.

مرڪ چپن تي سِرڪي آئي،
ياد آيم ڪي نيڻ نماڻا.

گهنگهر گهڙيون گهاريم تنها،
سات چڏي ويا سيڻ سياڻا.

اوڪا سوڪا، اهنجا سنهنجا،
ويندا سين يَرَ ٿاري ٽاڻا!

ٻرهہ ٻدن ۾ باهہ ٻڪائي،
سيني اندر ساهہ ٻہ ساڻا.

من پنڇيءَ جا پنک سڙي پيا،
تنهنجا ڪيڏا ڏور نڪاڻا.

عشق سندو اقرار ازل کان،
ڪيئي بلاول ڪيئي گهاڻا!

منظر ٿي چڻ ميساريو ويو،
منچر تي ٿي آڙي اڏاڻا.

جُوني جڳ ۾ سچ ڳولين پيو،
ڇا ڇنجي؟ الطاف اياڻا!

—

⊛

ظلمتن جي زاوين ۾
پيا قرون بس دائرن ۾!

پاڻ کان گذري نہ ٿي
زندگي هيءَ ضابطن ۾

جي نہ ٿا عبرت وٺو
ڇا ڏسو ٿا واقعن ۾؟

هيڪلو هرڪو لڳي ٿو
توڙي آهيون قافلن ۾

روح جي رغبت بنا
ڇا رکيو آ رابطن ۾؟

ماڻهپي جا ڳُڻ سيئي
بس ڏٺاسين ڪافرن ۾!

فائدا اشرافيہ جا
عام ماڻهو قاعدن ۾

هل هتان الطاف هل
ڪيئن رهبو فاسدن ۾؟

—

⊛

توکي ڏجي کو ڏوھ بہ کھڙو.
تون بہ تہ آھين ماڻھن جھڙو.

ماڻھن جي ھن ميڙاکي ۾،
آھيان ھت پر ناھيان جھڙو.

مون کي مون مان ٻاھر ڪيندو،
کو تہ ھتي ٻي ھوندو اھڙو.

آڻ مجي سون چاڻي واڻي،
توسان منھنجو جھيڙو کھڙو.

روڳ مليا راڪاسن جيڏا،
عشق کيوسون اھڙو تھڙو.

وقت وجي پيو واچوڙي جان،
ساھہ کڄي پيو جھڙو تھڙو.

ٻاڻ اڳي کان اڳرا ٿيو پئون،
لوک ڏنو آ جنڌھن بہ رھڙو.

تون الطاف نيارو جڳ کان،
کونہ ڏٺوسون کو تو جھڙو.

—

⊛

هيڪلي هيءَ زندگي اڳ ڪانہ هئي
شور ۾ ٻي خاموشي اڳ ڪانہ هئي

ٿي وياسون رنج، راحت ڪان مٿي
روح ۾ هيءَ پختگي اڳ ڪانہ هئي

ياد ايندي هئي هميشہ يار جي
ها مگر ايڏي گهٽي اڳ ڪانہ هئي!

ماڪ ٿي شايد ڇٽي ٿي مُرڪ ڪي
مکڙين تي تازگي اڳ ڪانہ هئي

چاهتون چارئي پَهَر چاهي چري!
دل ڪي ايڏي تشنگي اڳ ڪانہ هئي

شوخ ٿي شايد شبابن جي هٿان
چوڪري هوءِ بي ڇٽي اڳ ڪانہ هئي

ٿو ڇئين الطاف هر ڪنهن ڪي ڇگو
تو ۾ ايڏي سادگي اڳ ڪانہ هئي

—

⊛

سڀ ڪنهن ساڻ نڀائي وئي،
ساري عمر سجائي وئي.

هاءِ! جواني ڏينهن ٻہ ٿي،
واچوڙي جيان آئي وئي.

جنهن ۾ جيڪو ڏانءُ مليو
ڳالهہ انهي جي ڳائي وئي.

پورهيو هو يا پريت هئي
لائي توڙ نڀائي وئي.

اوري آئي منزل جڏهين
جائي واٽي وڃائي وئي.

نوڙت ناما چار ڪيو،
باقي انا تہ اجائي وئي.

نيت نيڪ اگر ناهي،
سمجهو ساري ڪمائي وئي.

اڪثرين اوري ڳالهہ اُها جا
لوڪ سڀني کان لڪائي وئي.

دلجمعي الطاف تون رکجان،
ڪانهي عمر اجائي وئي.

—

⊛

تو هوائُن جي هٿان ٿئي دربدر
ڪڪر جي ڪهڙي خبر ڪاٿي وسي؟

گهر ته مون روشن رکيو سارو مگر
ڪيئن ٿئي اُجرو اندر ڪوئي ڏسي؟

موسمن جي گردشن کان ماورا
هڪڙو ساوڻ تو سدا مون ۾ وسي

مانُ ڇا مادي مسرت تي ڪجي؟
وقت تو سارين شين آخر ڪسي!

ڪائناتون ڪيڏيون دل ۾ هجن تيون
پرتِ پائي پاڻ سان جي ڪو پسي!

ڪوڙ کي سچ تو پيو جيڪو لکي
قلم تنهن بي درد کان ڪوئي کسي

شاهه رڳ کان ٻي قريب آن، اي خدا!
دانهن ڌرتيءَ جي نه ٿي تو کي رسي!

—

روح اندر رحمان ضروري آ پيارا.
تنهن کانپوءِ انسان، ضروري آ پيارا.

مذهب تي ايمان، اگر ناهي بہ کٽي
محبت تي ايمان، ضروري آ پيارا.

جيون جي اڻجاتي ڪاڪ ڪڪوريءَ تي
روماني رجحان، ضروري آ پيارا.

تنها جيون گهارڻ ڏاڍو اوکو آ
”من ۾ ڪو مهمان، ضروري آ پيارا“.

ناهہ ضروري سيني سپنن جي ساپيان
ٿورو گهڻو ارمان، ضروري آ پيارا.

سُک سراسر هوندو ماڻهو ڪاريندو،
سُورن جو سامان، ضروري آ پيارا.

ممڪن ڪونهي سيڪو ماڻي منزل پر،
انديشو، امڪان ضروري آ پيارا.

لاڏ محبت ڳالهہ چڱي آهي ليڪن،
دڙڪو ۽ دهمان، ضروري آ پيارا.

شاعر سارا پڙهجن ليڪن انصاري!
غالب جو ديوان ضروري آ پيارا.

مبادا مري ڪنهن شڪاريءَ هٿان
اڏامي ڪا آزي آ منجهه مٿان

اچين هان اڳڻ تي گهٽائن سان گڏ
مزو زندگيءَ جو ڪو مان پي ونان

او ڪانگا! سنيها سڄڻ کي ڏجان
جيئان پيو اجان مان جيئان پيو اجان؟

او رولاڪ بادل! آهيان مان به پاڳل
سدا تو جيان ٿي ٿو ڦرندو وتان

مُلا! تنهنجي موقف جو سِرُ پيرُ ناهي
يقين تنهنجي ڳالهين تي آئيان ڪٿان؟

مڃيندين نہ تون ڪو عقل جو دليل
ڀلا پو بحث توسان ڇو مان ڪيان؟

اتم ڄڀ هڪڙيءَ جوڙو ڪنن جو
تڏهن ٿو ڇوان گهٽ، گهڻو ٿو ٻڌان

مليا آءٌ تنهنجيءَ ۾ مذهب مدام
خدايا! مان آخر ڪنهن کي مڃان؟

مٿان مٺڪدي ۾ اي الطاف ڀُلجين
اٿئي مَڌ پرائيءَ پيالا نوان!

—

⊛

عشق سجايو ٿيندو آ ڇا؟
درد اجايو ٿيندو آ ڇا؟

روح جي رشتن ۾ ٻي ڪوئي،
پنهنجو پرايو ٿيندو آ ڇا؟

نيڪيءَ جي ناٽي ڪان وڌ ٻي،
ڪو سرمايو ٿيندو آ ڇا؟

ڌرتيءَ جي دردن کان غافل،
ڌرتيءَ ڄايو ٿيندو آ ڇا؟

ڏات ۽ ڏاهپ جي پانڌيءَ جو،
پنڌ اجايو ٿيندو آ ڇا؟

سچ جي مچ تي نچڻو ٿو پئي
سيڪو وتايو ٿيندو آ ڇا؟

او الطاف اياڻا هتڙي،
سات سوايو ٿيندو آ ڇا؟

—

⊛

آهي جيڪو حال! لِڪ
سچ تہ بهر حال! لِڪ

ڌرتي آ هيءَ ڌاڙيلن جي
مفت مليو تن مال! لِڪ

ڪامورن جو تون ساٿاري
سي ڪو آ خوشحال! لِڪ

سرڪاري ٿو ڪارڻ بڻجي
آسودا، بد حال! لِڪ

پوتارن جا وارا نيارا
جيڪر آيو ڪال! لِڪ

ونڊ ورهايو تا پيا ڪائن
ڦوڪڻ جو آ مال! لِڪ

درويشن جي ڌرتي، ڪوڙن
پيرن ڪئي پامال! لِڪ

سنڌڙي! تو تي صدين کان
ساڳيا ماهہ و سال! لِڪ

انصاري جو اکين اڳيان
ڏسجي پيو احوال! لِڪ

—

سندي سڪ ۾ پيا ستايو اسان کي.
نتا جي اچو پَرَ سڏايو اسان کي.

اهي ئي اوجاڳا، اهي ئي اداسيون،
وري تنهنجي يادن ورايو اسان کي.

ڪڏهن دل جي دڳ تي ديرو ڄمايو،
اسان جي ڀتو، ڪجھ ڀڏايو اسان کي.

اوهين بي خطا ها، مجي ٿا ڇڏيون،
اسان جي ئي جذبن لڇايو اسان کي.

ڪلي ٿياسون ڪيرا، رڄ ٿي رُناسون
سچايون لڪائڻ نہ آيو اسان کي.

هجومن ۾ هوندا، اوهين پي اڪيلا
پلي پنهنجي دل تان پُلايو اسان کي.

اسين ڪونہ ڄاڻون شريعت، طريقت
اها پٽي ڇو پيا پڙهايو اسان کي؟

ارادو نہ الطاف هو دل لڳيءَ جو
اوهان جي مِني مُرڪ گهايو اسان کي.

⊛

اندر جا اڏما، ڪوئي تہ سمجهي!
هي دل جي دنيا، ڪوئي تہ سمجهي!

ٿا جهُور جسمن ۾ جيڪي جاڳن
جوان جذبا، ڪوئي تہ سمجهي!

اداس وايون، نراس نظمون
اسان جا نغما، ڪوئي تہ سمجهي!

هي سوچ جي لوچ جون صدائون
سراب سپنا، ڪوئي تہ سمجهي!

هي سرمدي سچ حلاجي حق جا
ڪبير ڪلما، ڪوئي تہ سمجهي!

اسان تہ اوريا، اوهان نہ توريا
هي گيان گفتا، ڪوئي تہ سمجهي!

ڪڏهن تہ دل جو ڪتاب ڪولي
صريح صفحا، ڪوئي تہ سمجهي!

صبر ئي صلوات آ اسان جي
شڪر جا سجدا، ڪوئي تہ سمجهي!

مٽي ئي ماڻهوءَ جو آ مقدر
قبر جا ڪتبا، ڪوئي تہ سمجهي!

اميد الطاف ڪر تہ تنهنجا
نفيس نڪتا، ڪوئي تہ سمجهي!

⊛

عشق جي محفل وري گرمائجي.
اڄ هلي ڪجهه حسن کي تڙپائجي

پيار آ! جو پيار ۾، پڇتائجي
روئي روئي اڄ پرين پرچائجي.

ٿورو ڪنهن انسان جو ٿورو نہ پانءِ
لاهي جي سگهجي نہ ٿو، پيو ڳائجي.

اڪڙين سان اڪڙين جي سوال تي
ڇو پلا ايڏو پيو شرمائجي.

دل وري ڪنهن درد کي ڳولي پئي
هل! وري نئون پيچ ڪنهن سان پائجي.

بوءِ فتني جي اُتي منبر منجهان
ڏس وري ڪو فتوو پيو فرمائجي.

محبتي ماڻهوءَ سان پنهنجو سِرُ لڳي
بي قدر کي نيڪ آ، ٺُڪرائجي.

تون تہ ڪن لاٽار ڪيڏي ٿو ڪرين
پو پلا ڪيئن توسان ڪجهه ڳالهائجي

آهي سڀ الطاف مايا ۽ مڪر
پوءِ ڇو اڻ ڄاتي ڪان گهٻرائجي.

—

وڇوڙن ۾ مَنَ کي تہ ماريو اسان آ
مگر ڪونہ توکي وساريو اسان آ

نہ توسان ملون ٿا، نہ توسان ڪلون ٿا
نڪوئي ڀٽي ڏي نهاريو اسان آ

اڃان مُرڪ آهي اسانجي چپن تي
اڃان هانءُ هرگز نہ هاريو اسان آ

اڃين تون تہ نيڻن جو نرواڻ ٿي پئي
اگھڙ اشڪ هاري اُجاريو اسان آ

مليو ڪونہ ڪعبي ۾ دل جي خدا يي
الاءِ ڪهڙي بُت کي پڪاريو اسان آ

اجائي اسان جي شڪايت قضا سان
يلا اُپ ڪهڙو ڪو ڏاريو اسان آ

نٿين ۽ نڪوريءُ جو بنياد ڪاٿي؟
ٺهيل ٺوڪيل کي ٻہ ڪاريو اسان آ

اسان ڪونہ الطاف سنڌڙي سنواري
رڳي ويهي ٽاٽن کي ٽاريو اسان آ

—

⊛

خُور ناهين جو سيڪجهه لٽائي ڇڏيان.
پُل ڀ ناهين مگر جو ٻلائي ڇڏيان.

تنهنجا ٽورا ڪي ٽورا نہ ها مون مٿان
ڪونہ لاهي سگهيس، ڇو نہ ڳائي ڇڏيان.

پاڻ ئي پاڻ ڪان تون نہ وڇڙي وڃين،
مون ڏي آءُ توکي توسان ملائي ڇڏيان.

هو گهڙيون قرب واريون گهٽائي پيو
مان وَرهہَ سات وارا وڌائي ڇڏيان.

ساھ ۾ سانڍي رکجان مٿان مان ڪڏهن
ڄاڻي واڻي نہ توکي وڃائي ڇڏيان.

ماڻ جي مينهن ۾ ڪي ٻنل ڳالهڙيون
ڪجهہ تہ توکان ٻُڌان، ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيان.

تون نہ ايندين نہ ملندين نہ رهندين تہ پوءِ
ڇو اکيون مان اڱڻ تي وڇائي ڇڏيان؟

ڏار توکان ٿيان تون ڇنئين تو مگر
پاڻ ئي پاڻ کي ڪيئن ورهائي ڇڏيان.

آهي الطاف ٻاجي عمر جو ٻَهَر
اڄ ڏيئا ڏات جا ڪي جلائي ڇڏيان.

—

سچ جو ڳوٺ ڦٽايو ڇو تا؟
وهم جو شهر وسايو ڇو تا؟

سگهه جي ناهي ساٿ ڏيڻ جي
پيچ پريت جو پايو ڇو تا؟

ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ سان جهيڙي
پٽي اهڙي پڙهايو ڇو تا؟

دل جو درمان ناهي جيڪر
ڳهوڙن سان پوءِ ڳهايو ڇو تا؟

تيڻو آ جو، ٿي ويندو آ
ايڏو پر گهٻرايو ڇو تا؟

گذري وئي جا، گذري وئي آ
هاڻي ير پڇتايو ڇو تا؟

ڪرڻو آ جو، ڪرڻو آهي
ور ور ڏئي ورجايو ڇو تا؟

عقل ڪُل جو خود کي ڄاڻي
اهڙي سان ڳالهايو ڇو تا؟

انصاري هڪ عاجز ماڻهو
لائي ڪان لهرايو ڇو تا؟

⊛

پرين جي پار تي ڏسجي
دنيا کان ڌار تي ڏسجي

ڪٿي اڄ سيئي ڪيڏوٿا
وري اڄ ٻار تي ڏسجي

چڱي جو ڪو قدر ناهي
هاڻي بيڪار تي ڏسجي

سُکن ۾ سات سڀ ڪو آ
ڏکن جو يار تي ڏسجي

وڇوڙي جي وِٿي ونجي
سگهاري سار تي ڏسجي

حياتي حسن جي ڌاران
وڏو ڇڻ بار تي ڏسجي

اجائي لاف کان بهتر
مٺي ماڻار تي ڏسجي

وري الطاف لايون دل
وري لاچار تي ڏسجي

—

⊛

زندگي خفي ۾ هجي، اهڙي ڳالهه بہ ناهي
مگر من مزي ۾ هجي، اهڙي ڳالهه بہ ناهي

ڪري يوڳ ڏاڍا تي هُوءَ ياڪُرن ۾
چَري پر چَئيَ ۾ هجي، اهڙي ڳالهه بہ ناهي

ڪيون سُونهن وارن جي پيا صد سلامي
ڳڻ ڪو ڳلي ۾ هجي، اهڙي ڳالهه بہ ناهي

سندو سات آ جيئن سنڌوءَ جا ڪنارا
ڪَڙو چڻ ڪَڙي ۾ هجي، اهڙي ڳالهه بہ ناهي

پڙهايو اچن تا هُو پيرَن وٽان پر
اثر ڪو سَڳي ۾ هجي، اهڙي ڳالهه بہ ناهي

ڏلو ڪونہ انصاري مسجد ڏي ويندي
مگر مئہ ڪدي ۾ هجي، اهڙي ڳالهه بہ ناهي

—

⍟

ساڻ ڪوئي همراهہ بہ ناهي.
پاڻ کي ڪا پرواهہ بہ ناهي.

توکي تنهنجي حال تي ڇڏجي،
مون وٽ ٻي ڪا واهہ بہ ناهي.

کھڙي ڪم جو جيون جنهن ۾،
چوٽون ناهن، چاهہ بہ ناهي.

تارا يادن جا ٽمڪن پيا،
اندر ڪا اونداهہ بہ ناهي.

چاهي اجل جي اوندهہ پويان،
ڪوئي الا! آگاهہ بہ ناهي.

ڏات جو عيوض ڏاتر چائي،
چا ٿيو جي ساراهہ بہ ناهي.

جھڙو منهنجو سنڌو ساگر،
اهڙو ڪٿ درياهہ بہ ناهي.

ناهي نيڪ نمازي جيڪر،
انصاري بدخواهہ بہ ناهي.

—

متان پانئيو دل مري ٿي پئي.
اوهان کان سوا پي سري ٿي پئي.

سمي جو هي سورج ٿو ٻَهه ٻري،
عمر برف وانگيان ڳري ٿي پئي.

اجان زندگيءَ جو ڏيئو پيو جلي،
اجان خواهشون دل ڪري ٿي پئي.

وصل يا وڇوڙو، اسان کي اکين ٿي،
برهه باهڙي آ، ٻري ٿي پئي.

آهي جند جيون جو جوٽيو پيو،
ڏُکي ڏَک ڏِهاڙي ڏري ٿي پئي.

وڃون پيا ويڳاڻا! وطن کي ڇڏيو،
مگر دل دعائون ڪري ٿي پئي.

—

❁

وڇوڙي جو ويلو ٽري ٿي نہ ٿو
سندو ساهہ تو ٻن سري ٿي نہ ٿو

وڃي ڪيچ پهچان پنهونء جي پٽر پر
هي ڏونگر ڏهاڳو ڏري ٿي نہ ٿو

تون شايد اڱڻ ۾ اچين ٿي نہ ٿي پئي
تنهنجون چند ڳالهيون ڪري ٿي نہ ٿو

هي وستي خدايا عجب وستي آهي
ڏکيو وقت جنهن تان ٽري ٿي نہ ٿو

اڙي اجل! ڪيڏا تو ڪونڌر ڪيرايا
مگر هانءُ تنهنجو ٺري ٿي نہ ٿو

أهو ڪيئن مون کي چڱيءَ پَر سڃاڻي
ٿئي جيڪو مون کان پري ٿي نہ ٿو

بچيو ناهي باقي ڪو ست ٻَلُ بدن ۾
مگر موهہ من جو مري ٿي نہ ٿو

نچي مور من جو ڀلا ڪيئن جيڪو
قدم ڌرتيءَ تي ڌري ٿي نہ ٿو

جلايم جگر جو لُهُو لال ليڪن
ڏيئو ڏات وارو ٻري ٿي نہ ٿو

—

⍟

شراب اکڙيون، خمار اکڙيون
اداس دل جو قرار اکڙيون

دماغ چڪتاڻ ۾ رهيو پر
وجي پڳيون دل جي پار اکڙيون

حياتي مڙيوئي چار ڏينهڙا
اچي ڪريو يار چار اکڙيون

أها نمرتا نظر نه آئي
ڏسي ڇڏيون مون هزار اکڙيون

مزاج مُند جو اکين جي آڌر
خزان به اکڙيون بهار اکڙيون

هُتي ته نيڻن ۾ بي نيازي
هِتي رنيون ويٺي ڌار اکڙيون

اکين جي خوابن ۾ آيون اکڙيون
تيون حواسن تي سوار اکڙيون

بنا بصيرت جي هن بدن تي
اٿئي اي الطاف بار اکڙيون

—

⊛

اڏمــن جــو اوڙاھــ وجــي.
ســڪ لـهـي يـا سـاھـ وجي،

رَڄ ٿي روئـون رات اڄوڪي
چـاڙھـ لـهـي دريـاھـ وجـي

جذبـن واري جـوت جڳـايـون،
انــدر مــان اونــداھـ وجــي.

مـولا هـڪـڙو عـرض اگـهـامـي،
ڏات مــلــي يــا ڏاھــ وجــي.

ائين نہ ٿئي جو عمر منجهاران
ســاھـ بـچـن، سـاجـاھـ وجـي

جيون پَٿ تي سوچيان وينو
ڪـاڏي ٿـي هـيءَ راھـ وجـي؟

ڳـٺـتـيءَ واري ڳـالـهـ تـہ آ ھُـو،
ٿـيـنـدو بـي پـرواھـ وجـي.

منهنجي مانَ ۽ مرڪ اوھان جي،
لـرڪ نـہ ٿـي آگـاھـ وجـي.

سار لـهـو الطاف جي سائين،
ٿـيـنـدو پـيـو گـمـراھـ وجي.

—

هاڻ تہ تنھنجو خيال بہ ڪونھي
مون کي ڪوئي ملال بہ ڪونھي

تو بن جيون جھاڳيان وينو
منھنجو اِن ۾ ڪمال بہ ڪونھي

گڏجي گھاريو، جيسين چاھيو
جيئڻ، مرڻ جو سوال بہ ڪونھي

تنھنجي سامھون سينو ساھيان
منھنجي ايڏي مجال بہ ڪونھي

اُسريا آھيون اوکي سفر تي
ڳنڍڙيءَ ۾ ڪو مال بہ ڪونھي

رنج، راحت ڪان اڳتي آئون
هجر بہ ڪونھي وصال بہ ڪونھي

مان تہ نہ رومي، مان نہ قلندر
دم دم دل ۾ ڌمال بہ ڪونھي

چو انصاري تو دل هاري؟
ايڏو هيٺو حال بہ ڪونھي

—

Soorih Mirani

مـيـرڙو مـن ڌوئـي ونـجـي
ٿـورڙو اڄ روئـي ونـجـي

رات ڪـاري، سـانـت واري،
اڄ تہ رڄ تـي روئـي ونـجـي.

بـنـد ڳـلـيءَ ۾ جـا پـڄـائـي،
واٽ اهـڙي ڇـو ٿـي ونـجـي؟

روڳ دل جـو پـوڳ ڪـونـهـي،
داڳ نـاهـي، ڌوئـي ونـجـي.

خـواب جـي اٿـپـورا ڇـڏيـا،
روڄ تـن جـو روئـي ونـجـي.

ڳـالـهہ دل جـي ٻـڌجـي لـيـڪـن،
مشـورو پـي ڪـوئـي ونـجـي.

بـنـدگـيءَ جـو آ تـقـاضـو،
نـانءُ رب جـو روئـي ونـجـي.

—

جوئي آهيان، سوئي آهيان
سچل! مان بہ اهوئي آهيان

سمجهي تو ڪو مومن مون کي
ڪنهن لئہ ڪافر ڪوئي آهيان

مون کي پي آزادي گهرجي
مان پي تو جهڙو ئي آهيان

موتي آءٌ جي منهنجو آهين
آئون اجان تنهنجو ئي آهيان

ميرو من اُجرو تي ويو آ
وينو جڏهن بہ روئي آهيان

ڪاش! ڪوئي سمجهائي مون کي
آيو هتڙي ڇو ئي آهيان؟

—

❁

چو ۽ چا کي سوچجي.
ڪجھ خدا کي سوچجي.

"ناھ"، مان تي "ھا" ٿئي،
پھرين "لا" کي سوچجي.

ڇڏ بقا جا ڀوڳ تون،
بس فنا کي سوچجي.

انتھا جو انت ھوندو،
ابتدا کي سوچجي.

ڏاھ جو ناھي ڏڪر، جو
ڏند ڪتا کي سوچجي.

قلب مان ڪوفو ڪڍي،
ڪربلا کي سوچجي.

اوپرن جي اوريان ڪنھن،
آشنا کي سوچجي.

گيان جا ڳڻ ڳائجن،
صوفيا کي سوچجي.

اختلافن کي وساري،
ايڪتا کي سوچجي.

سونهن جي صدقي تجي،
دل رُبا کي سوچجي.

اڄ وري الطاف، هُن
بي وفا کي سوچجي.

—

⊛

خبر آ، خاڪَ ۾ ڇاهي؟
الائي افلاڪ ۾ ڇاهي؟

لڳي ڪا باهه، پوءِ ڏسجان
خس و خاشاڪ ۾ ڇاهي؟

اسان جي سوچ کي ڏسجو
پرين! پوشاڪ ۾ ڇاهي؟

عمل مان جي عيان ناهي
تہ پوءِ اِدراڪَ ۾ ڇاهي؟

جگر چيري تہ ڪجھ ڇئجي
گريبان چاڪَ ۾ ڇاهي؟

ڇپن تنهنجن ۾ ٿي ڇسُ آ
انبن جي قاڪَ ۾ ڇاهي؟

ڇڏيو الطاف کي هاڻي
انهي رولاڪ ۾ ڇاهي؟

—

خواب ويا خاڪ تي، سڀ لٿا آسرا.
ياد پيو ٿو اچين پوبہ او سانورا.

من جي آڪاش تي تارڙن وانگيان،
سُور سارا سندا سوجهرا سوجهرا.

پريت جي پنڌ ۾، لاپ پاتا رُڳي،
درد جا اولڙا، ياد جا چانورا.

مون نہ ڄاتو تہ اي ساهہ ٻيڙا پرين،
ٿي سگهون ٿا اسين ايڏا ٻي اوپرا.

وقت جي ونگ ۾ روح جا رنگ ٻي،
شوخ جيڏا هيا، ٿيا جهڪا اوترا.

آءٌ الطاف ڏي، ويهہ گوڏو گڏي،
ڇو وڃين ٿو ڇڏي، ٻرهہ ۾ بانورا.

—

⊛

جهُڙ جهُڙالا جهتّي چڙّيان جيڪر
رخ هوا جا مٽّي چڙّيان جيڪر

ڳنڍِ ڏئي چڙّيان ازل ۽ ابد کي
وقت جي تند ڪٽّي چڙّيان جيڪر

پوئتي جو پنڌ ڪيان تاريخ سان
آئيندي کي مٽّي چڙّيان جيڪر

پوکيون کي سُک سندا سنگ، سائيو
پاڙ ڏک جي پٽّي چڙّيان جيڪر

جڙ فسادن جي صفا سازي چڙّيان
ٻج امن جا ڇٽّي چڙّيان جيڪر

حسن جي سرڪار ۾ تا ڪم اچن
ٻول ٻٽّڙي رٽّي چڙّيان جيڪر

هارَ هُن کان هضم ٿيندي ڪانہ آ
ڪيڏ هونئن تہ ڪٽّي چڙّيان جيڪر

ڪاش! انصاري ائين پي تي سگهي
ڏگ ڏکن جا لٽّي چڙّيان جيڪر

—

نگاهون بہ ناهن، نشانا بہ ناهن.
اوهان جي اچڻ جا زمانا بہ ناهن.

هوائن ۾ هبڪار آهي هجر جي،
چپن تي طلب جا ترانا بہ ناهن.

وجودي صدائون، اُلوهي ڪٿائون،
حقيقت بہ ناهن، فسانا بہ ناهن.

اهي نيڻ ڪيڏا نہ نادار هوندا،
جتي چار سپنا سُهانا بہ ناهن.

ننڍڪي نگر جا هي مسڪين ماڻهو،
اياڻا بہ ناهن، يگانا بہ ناهن.

رويا رقيبن جيان ڪي اوهان جا،
سمورا ستم دوستانا بہ ناهن.

مُئي دل گهري موهہ مايا اجان پي،
طبق تَنَ بدن جا توانا بہ ناهن.

مَهڪ من اندر ۾ آ الطاف چاجي؟
گلابي گلن جا زمانا بہ ناهن.

—

⊛

هاڻ نہ ايڏي هڻ، سائين!
ڏارين توڙي ڏڻ، سائين!

تياڳيون دنيا تنهنجي ڪارڻ
ايڏو پي تہ نہ وڻ، سائين!

پيار منجهاران پيڙُ پرين جي
ماسو مون کي مڻ، سائين!

دل نہ ڏيڻ جو حق آ توکي
نيڻ تہ مون ڏي ڪڻ، سائين!

مون کي تو موهي ۽ ماري
تنهنجو هي مرڪڻ، سائين!

ڇڏيو ڳالهہ وڇوڙي واري
دل نہ ڇڏي ڏڙڪڻ، سائين!

من جي موسِم ٿي مرجهائي
رُتِ آئي پن ڇڻ، سائين!

تو بن، مون جيان ڳوٺ اندر
ويڳاڻو وڻ وڻ، سائين!

اوري ڻـو هـي واءُ اتـر جـو
ايندين ٿون يي ڇڻ، سائـين!

ڏرتـيءَ جـو اڏِڪـار اِهـو آ
سڀ ڪو پوڪي وڻ، سائـين!

—

⊛

رات تـارن پَـري هـيـر تـڏڙي هـجـي
تون هجين، مان هجان، ڳالهہ ڳجهڙي هجي

ڪوڙ گهرجي مونکي اهڙي جنت جتي
حُور جي ڪِـيـن ڪـا، يار جهڙي هجي

حُـسـن جـي هـنـج ۾، يـاد يـارو رکـو
چاهہ چُسڪي چڱي، تانگهہ تڪڙي هجي

هـيءَ حـيـاتـي سـڦـل آهـي الـطـاف جـي
مُرڪ مُک تي رهي، سوچ سُنڙي هجي

—

نيڏڙڪو نگر جت نياءُ نہ ڪو؟
ڇا بخت ۾ تُس بدلاءُ نہ ڪو؟

هيءَ يونءِ ٽٽي ٿي شل اهڙي جتي
ڀيچ ڏاهُ نہ ڪا، ڏپ ڏاءُ نہ ڪو

پئُہ پانءِ متان پوتار! ٿِيَئي
مخلوق هٿان گهيراءُ نہ ڪو

ٿي ڪا نہ ڪپي جنت جنهن ۾
آرام رڳي ايذاءُ نہ ڪو

اڄ پاڻ ملون وچڙون تہ ائين
الجهاءُ نہ ڪو، پڇتاءُ نہ ڪو

جيون نہ ڇٺو، جنجال ڇٺو
جي گهُور نہ ڪا، جي گهاءُ نہ ڪو

پُرباش پيا ماڳن تي پڇون
سَرهائي نہ ڪا، سوداءُ نہ ڪو

اي سندڌ! دعا الطاف جي ٿئي
ڪوسو بہ لڳئي شل واءُ نہ ڪو

—

⊛

پاڻ سان ڇو جفا ڪري ڪوئي ؟
ڪيئن توکي خفا ڪري ڪوئي؟

ڳوٺ ڳالهين جو مان ڪنيو ٿو ڦران !
تون نہ ٻڌندين تہ ڇا ڪري ڪوئي؟

دشمنن جي ڪمي نہ ٿي محسوس
دوستن کي دعا ڪري ڪوئي !

مونکي مون ۾ رڳو ٿو تون ڏسجين
مونکي تو کان جدا ڪري ڪوئي!

رنجُ، راحت سان گڏ جتي نہ هجي
اهڙي جنت کي ڇا ڪري ڪوئي؟

خوب صورت آ زندگي جيڪر!
خوب صورت خطا ڪري ڪوئي؟

جنهن جزا کي هُتي تون سوچين پيو
ڇو نہ هِت ئي ڀلا ڪري ڪوئي؟

تنهنجون الطاف ڳالهيون ڳوڙهيون
شال سمجهي خدا ڪري ڪوئي!

—

⊛

پيارو پيارو سُور پراڻو جاڳي ٿو
مون ۾ هڪڙو شخص نماڻو جاڳي ٿو

ڪاچو ييلي، ڳاج لٿي، گجگوڙ ڪري
من منجهر ۾ ڪوئي مهاڻو جاڳي ٿو

سَرڳَ سندي ڪا سازَ سُري ٿي سيني ۾
ڏِيلَ اندر ڪو ڏک ڏاڏاڻو جاڳي ٿو

راڻي ڌاران مومل ڪانهي سک سُتي
ڪاڪ رُئي ٿي سارو لڏاڻو جاڳي ٿو

رات لٿي، سڀ طاق ورائي، لوڪ ستو
ليڪن هي الطاف اياڻو جاڳي ٿو

—

ڪو ديبل هو، پنيور هيو
ها، پنهنجو ڀي ڪو دور هيو

هئو سيوهڻ، نئو ڀي سهڻو
پر اوچ اروڙ جو اور هيو

جڻ ڪارونجهر جي ڪورَ هجي
هت هر ڪو ماڻهو مور هيو

ها رم جهم رم جهم رقصَ هتي
هي ملڪ گهڻا گهنگهور هيو

جي پهتا هت اسلام کڻي
ڪو ڦورُو هو، ڪو چور هيو

ڪو خلجي آيو هام هڻي
پر پنهنجو دودو زور هيو

ارغون ڪڏهن، ترخان ڪڏهن
۽ مغلن جو ڀي شور هيو

هن ڌرتيءَ ڌارين کي به ڏنو
آڌر ۽ امن هر طور هيو

”الطاف“ اٿم افسوس، اُنهن
پر سنڌ کي ڪيو ڪمزور هيو

—

⊛

ڏيان ۾ نظرون نماڻيون ٿيون اچن
ياگيريون کي پراڻيون ٿيون اچن

چيٽ جي چاندوڪين ۾ چاهہ جون
ياد راتين جو رهاڻيون ٿيون اچن

پيار ۽ ڪم ڪار جون سات ۽ سنسار جون
ياد ساريون ئي ڪهاڻيون ٿيون اچن

جيءُ لائي جيءُ جوين کي پرين
ڪونہ موتي هي جُواڻيون ٿيون اچن

پيار آ، پنڌ آ، سات آ، سَنبَنڌ آ
نيڻ هر شيءِ تي پڄاڻيون ٿيون اچن

وَر وَرائي چو پچين تو؟ فلڪ کان
ڪِين هاڻي کي وراڻيون ٿيون اچن

مُند آهي مانگهہ جي، منجهہ مٿان
آڙيون ڪيڏيون اُڏاڻيون ٿيون اچن

تو جيان ”الطاف“ مانديون، موڪيون
اڄ هوائون هجر هاڻيون ٿيون اچن

—

⊛

وِسائي ديپَ سڀ وئي آ
هوا ڪهڙي هلي پئي آ

وفائون پيا ٿا ورجايون
خطا شايد اِها ڪئي آ

اکين اوري چڏي اڳ ۾
اجان جا ڪانءَ تو چئي آ

پُڇو ڇا ٿا پيا دل جي؟
اوهان جي آسري پئي آ

ڏنا ڏک جن ٻه "انصاري"
دعائون تن کي تون ڏئي آ

—

سنڌ جي نانءُ

تمدن اندر تجلي منهنجي
موهن منهنجو مڪلي منهنجي

آءٌ ازل کان هت آيل هان
سنڌ صدين کان سرتي منهنجي

سامبس جو سيوهڻ آ جڏهاڪر
تڏهن کان آهي ٽلٽي منهنجي

ڇام ننندي جو نگر نيارو
دريا خان جي ڌرتي منهنجي

مون ۾ ڪو هوشو جاڳي ٿو
’مرسون مرسون‘ مرضي منهنجي

دودي جهڙن جوڌن سان شل
شاد رهي هيءُ نگري منهنجي

سچل، سامي منهنجا حامي
شاهه لطيف آ هستي منهنجي

ڪاڇو آهي پاڇو پرينءُ جو
ڪوهستان ۾ شڪتي منهنجي

ڪارونجهر جي ڪور وسي ٿي شل
تہ جنت ڪا ارضي منهنجي

لاڙ ۾ پنهنجي پاڙ کُتل آ
سنڌ سموري سهڻي منهنجي

چاهي سِرو آ چاهي وچولو
پريت سين سان پڙي منهنجي

ڪينجهر منهنجي هانو هندورو
منڇر سان آ مستي منهنجي

سنڌو، رت جان ڊوڙي رڳن ۾
سائي سيڄاڻپ اصلي منهنجي

ڏس "انصاري" جي اکين سان
سنڌ سين ڪان وکري منهنجي

—

⊛

سچ سندي ساک تي ڌيان ڏيندو نہ آ
جيڪو سمجهي نہ ٿو سو مڃيندو نہ آ

پنهنجو پنهنجو ئي هر شي جو آهي قدر
گاهہ کي ڪو گلن سان ڳنڍيندو نہ آ

حال احوال ڪوئي نڪا موڪلائي
ڪوئي رستو ائين پي مٽيندو نہ آ

سانورا تو سوا ڪيئن سَرندي ڀلا
چانورن کي تہ ڪوئي ڇڏيندو نہ آ

دل جي تختيءَ تان ويندو سو ميسارجي
گاهي گاهي جو ايندو ويندو نہ آ

سُورُ، سوداءُ ناهي، اهڙو ڪو گهاءُ ناهي
وقت جنهن کي باالآخر ڀريندو نہ آ

موت جو سڀ چکيندا مگر، حيف! جو
ذائقو زندگيءَ جو چکيندو نہ آ

صبر "الطاف" ڪر ڪنهنکي دنيا اندر
سِڪ سِوا ڪوبہ هتڙي سڌيندو نہ آ

—

جو اسان کي اسان مان ڪڍي ٿو سگهي
ڪو تہ اهڙو هجي، ڪو تہ اهڙو هجي

مرڪ واري سگهي، لڙڪ هاري سگهي
ميت اهڙو هجي، ميت اهڙو هجي

ڏوارَ ڪولي رکان، ساز کي سوريان
منَ کو هيڏي اچي منَ کو هيڏي اچي

ناز تنهنجا کڻان، ساز کي ڇيڙيان
سات تنهنجو هجي، سات تنهنجو هجي

منڊ مٽجي وڃي، تو اڇڻ جي نہ ڪئي
ڪير ٽوڪي ڇوي، ڪير ٽوڪي ڇوي

پارسا هر ڪوئي، پنهنجي ليکي هتي
ڏوهہ ڪنهنکي ڏجي، ڏوهہ ڪنهنکي ڏجي

آهي پويون پَهَر، پنڌ پي مختصر
پيار پوء پي ڪجي، پيار پوء پي ڪجي

ڪيڄُ جيسين اچي، هوتُ جيسين ملي
سسُئي سُرندي رهي، سسئي سُرندي رهي

جَسُ بيشڪ هجي، تنهنجي الطاف کي
تو سِوا پيو جئي، تو سِوا پيو جئي.

—

⊛

اسان جي اڱڻ تي تون چنڊ وانگي چمڪين ها
بادل ٻڻجي برسين ها، راتڙي ڪا ترسين ها

هجر يوڳي هيڪاندو، ٽيندو نيٺ ڪو ماندو
ايترو تون سوچين ها، ايترو ته سمجهين ها

پنهنجو پنهنجو جوهر آ، نيٺ ٽيندو ظاهر آ
گل هُئين ته مهڪين ها، دل هُئين ته تڙپين ها

شام ڪا شفق هائي، رات چنڊ چانڊاڻي
پنيرڪي ۾ پاڪُر جي ڪائي باڪ بخشين ها

سَهنج ۾، سُويلي ۾، اَهنج ۾، اويلي ۾
شال ڳَڏجي مرڪين ها، شال ڳَڏجي سڏڪين ها

پنڌ پنهنجو ٽائيون ها، ماڳ ڪوئي مائيون ها
جي نه راهه بدلين ها، واٽ تي نه وچڙين ها

عمر مختصر ڪيڏي! پريت معتبر ڪيڏي!
ڪاش جي تون ڄاڻين ها، ائين نه هوند وچڙين ها.

—

❂

هي جيون سفر پڻ نرالو سفر آ
اڃا جي نہ ئي ڪا وڃڻ جي خبر آ

الائي ڪير آهيون؟ ڪٿان آيا آهيون؟
اوهان ئي ٻڌائو نہ مون کي خبر آ

بہ ٽي ساعتون هت رهڻ ڏيو اسان کي
عدم ڪان بہ اڳتي اسان جو نگر آ

ڪريو جاري فتويٰ، حقيقت اسان جي
اسان ئي ٻڌائون يا خدا کي خبر آ

وڃن ڏوڪيندا پيا هتان قافلا ڪي
اجل جي سواري، سمي جو سفر آ

اڄان پيرَ، اوتارَ پيو ٿو پڪاري!
سندي بي نوائي ڪان بشر بي خبر آ

رڳي ڳڻ نہ "الطاف" ڳايا مون پنهنجا
اسان جي اوٿائين تي پڻ نظر آ.

—

⊛

سور سلجي وجي سوئي بهتر آهي
پيار پلجي وجي سوئي بهتر آهي

ڪاش دل ۾ هڻي، ويو لُٽي سڀ ڪجهه
چور جهلجي وجي سوئي بهتر آهي

پنڌ پورو ٿيو، ڇو ڏوراپو ڏجي؟
پرم رهجي وجي سوئي بهتر آهي

رات چانڊوڪڙي، هيرَ ٿڌڙي بہ آ
جام پرجي وجي سوئي بهتر آهي

راڳ جاري رهي، رقص طاري رهي
وقت ڪٽجي وجي سوئي بهتر آهي

پُوري پن ڇڻ ٿئي پو پرينءَ کي پڇون
مند مٽجي وجي سوئي بهتر آهي

رنج هستيءَ سندو ڪير سمجهي سگهيو؟
سور سهجي وجي سوئي بهتر آهي

آشنا ناهي ڪو، اوپري ساڃ ٿي
راهہ رلجي وجي سوئي بهتر آهي

پيار جي پنڌ ۾، سوز ۾ سنڌ جي
ڪنڌ ڪپجي وڃي سوئي بهتر آهي

جنگ جوٽي رکو تاڪ ويريءَ سندي
پاڙ پٽجي وڃي سوئي بهتر آهي

ڇو پلا وينو ”الطاف“ ڪوٽينس تون؟
گهاءُ پرجي وڃي سوئي بهتر آهي

—

⊛

کنهن پرائي سارجون ڳالهيون نہ ڪر
اڄ اسان سان پيار جون ڳالهيون نہ ڪر

دل متان ڪنهن صنم خاني ڏي ڏڪي
درشن و ديدار جون ڳالهيون نہ ڪر

هاءِ! هاڃن هيترن هوندي هتي
گلشن و گلزار جون ڳالهيون نہ ڪر

آ خدا جي اوٽ ۾ ڏوڪو پڪو
مذهبي گفتار جون ڳالهيون نہ ڪر

معتبر ڇاڻو محض موجود لمحي کي
ڪنهن ٻئي سنسار جون ڳالهيون نہ ڪر

آشتي ۽ امن تہ انسان کي گهرجي
تير جون، تلوار جون ڳالهيون نہ ڪر

حاضريءَ ۾ حسن جي الطاف تون
بي معنيٰ، بيڪار جون ڳالهيون نہ ڪر

—

⍟

ڪوئي ياد توکي ڪري تو پيو
ڏيئو جڻ مندر ۾ ٻري تو پيو

اٿئي ڳالهيون سڀ حياتيءَ سنديون
پلا ڪير ڪنهن لڏ مري تو پيو؟

ڇُهي چيهه ڪيڏا ڪري تي چڙي
بدن برف وانگيان ڳري تو پيو!

اڃان ويلُ آهي ورائي سڳهين جي
وجي ڪوئي توکان پري تو پيو

لڪا لوڪ ڪي ڪا ڏيون ڪانه تا پيا
اندر ڳٽتين ڪان ڳري تو پيو

سنياريو، ڏڪاريو، اوهانجي آ مرضي
اڃان تاڻو پنهنجو تري تو پيو

جيئڻ ڏوهه آهي بنا راضپي جو
ڪوئي ڏنڊ جڻ ڪو پري تو پيو

هي الطاف تنهنجو هي مشتاق تنهنجو
اڃان ڏيان تورتي ڌري تو پيو

—

⊛

درد ڏئي مون لئہ دعا ڪندو تہ رهي
دوستيءَ جو حق ادا ڪندو تہ رهي

قربتون قاتل اٿئي قرب جون، قرار جون،
ائين چئي ظالم جدا ڪندو تہ رهي

آ غنيمت ڪوتہ ڪم پيو هُو هميشہ ئي ڪري
جو چئون هُو جو جفا ڪندو تہ رهي

وقت ويري آ وڏو، وار جنهن جي ڪان بچو
شاهہ کي پي جو گدا ڪندو تہ رهي

ڪير آ جو ڪائناتون پيو نيون پيدا ڪري
۽ خلائن ۾ خلا ڪندو تہ رهي

تيو خدا خاموش آ، شايد ڏسي هت هي لقاء
پاڻ کي ماڻهو خدا ڪندو تہ رهي

ڳالهيون الطاف ناهن اوريون جي عمر ڀر
شاعريءَ ۾ سي سدا ڪندو تہ رهي.

—

مرڪي ملڻ جي ڳالهہ آهي
سهڻي سجڻ جي ڳالهہ آهي

هڪڙي دل ٻہ نہ ريجهائي
ٻڏي مرڻ جي ڳالهہ آهي

ماٺهو، ماٺهوءَ جو ويري آ
لڄي ٿيڻ جي ڳالهہ آهي

پنهنجي يي تڪميل ٿئي
توسان ملڻ جي ڳالهہ آهي

ساوڻ ساڻ ڪٽي آئين
صدقي ٿيڻ جي ڳالهہ آهي

اوڪي، سوڪي ٿي ويندي
سُور سلڻ جي ڳالهہ آهي

انصاري تہ اوهان جو آ
ساڙ لهڻ جي ڳالهہ آهي

—

⊛

من سندي يڪسانيت ٽوڙي وڌو
رخ هوا جو ٿورڙو موڙي ونو

أبَ جي ايياس تي ويچاريو
پيرَ پنهنجي پونء تي ڪوڙي وڌو

سونهن سان ساٿي ٿيو هر حال ۾
جيءَ هڪڙي جيءَ سان جوڙي ونو

جاڳ جا سڀ ديپ ٻاريو جاء جاء
ٻاڻ جي ٻيڙي صفا ٻوڙي وڌو

ڏات ٻيي ۽ ڏانءُ ٻيي ملندو اِتان
ذات جي وٽراهه ڪي ووڙي ونو

—

⊛

نگر نگر ڳلي ڳلي
ٺڪو نہ من هلي هلي

وڻي ٿو واسُ ويرو تار
چمن چمن ڪلي ڪلي

حيات تلخ جام آ
پري ڏيو پلي پلي

ٻُڌو ٻين جي پل مگر
اسان بہ آ سلي سلي

پتنگ پي ملنگ هِن
ويا مري جلي جلي

ٻڌايا پنهنجي بيخوديءَ
جڳهہ جڳهہ ولي ولي

نہ چاڙون دين ڌرم ٿا
پيا ڪيون علي علي

—

اوريون ڳالهيون
توريون ڳالهيون

چپ چپات آ
چوريون ڳالهيون

تو نہ اسان سان
سوريون ڳالهيون

اڪرين ليڪن
اوريون ڳالهيون

هلڪا ماڻهو
ڳوريون ڳالهيون

ڏات سنديون تا
ڏوريون ڳالهيون

سوچ سوائي
توريون ڳالهيون

تنهنجي گهُور تان
گهوريون ڳالهيون

انصاريءَ جون
ڪوريون ڳالهيون

❁

سِڪَ جو سُرمو پاءِ پرين
اکَ سان اک اٽڪاءِ پرين

نانءُ چپن تي تنھنجو ئي
جيءُ ۾ تنھنجي جاءِ پرين

ڇھري جي ڏوڪي ۾ نہ آ
جيءُ ۾ جھاتي پاءِ پرين

تير، ترار کي ڇو ٿو ڳولين؟
گھُور سان ئي تون گھاءِ پرين

سائل کي ٻيو ڇا گھرجي؟
مُرڪي بس ڳالھاءِ پرين

وصل جي ويل وڇوڙي کي
سوچين ٿو ڇا لاءِ پرين؟

ڪونايو الطاف کي تو
حاضر مان، فرماءِ پرين

—

⊛

رات جو ايندي رولي ويندي
گھاوءِ سمورا کولي ويندي

سيج سُمهون يا سوريءَ سنبرون
سارَ سڄڻ جي ڳولي ويندي

ڪوئل ڪي ٻيو ڪم ڪهڙو آ
ٻول ٻه مٺڙا ٻولي ويندي

ياد اوهان جي جڏهن ٻه ايندي
خواب ڪيڏوٽا ڦولهي ويندي

—

⊛

من جو موھ تہ ناھي سائين!
ٽيٽو ٻوھ تہ ناھي سائين!

عقل، خدا جي نعمت آھي
سوچڻ ڏوھ تہ ناھي سائين!

ريٽو رت پيو ڊوڙي رڳن ۾
لڳ ھِن، لوھ تہ ناھي سائين!

سوچي ڏس تون، ھيءَ حياتي
مايا موھ تہ ناھي سائين!

ويس وجودي پائي اچڻ ۾
پنھنجو ڏوھ تہ ناھي سائين!

مرڪ چپن جي مري وئي آ
غم اندوھ تہ ناھي سائين!

—

⊛

هر دل ۾ گهر ڪري
جيڪو درگذر ڪري

سهڻي سات ڪان سوا
ڪيئن ڪو گذر ڪري؟

اڃان آهيون منتظر
متان ڪا نظر ڪري

اهو عشق ئي فضول
جو نه دربدر ڪري؟

چوڙي زلف تابدار
جڏي ٿي قهر ڪري

جا نه ديوتا به ڪن
اڄ پيو بشر ڪري!

ڪري غم يي تو جڏي
جيڪو ڪم زهر ڪري

انصاري پڙهه غزل
پڌرو هنر ڪري

—

ساڳيا سڱ، سياڪا ساڳيا
انـدر جـا اولاڪـا سـاڳـيـا

سـاڳـي سـسُـئـي سُـورن ۾ آ
ڏونگر تنهنجا ڏاڪا ساڳيا

تنهنجي ساڳي سنگدلي ۽
مـون وس آهن واڪا سـاڳـيـا

هر ڪو ذات سندي، ۾ هڪڙو
خد و خال نہ خاڪا ساڳيا

جيوَڻ! ايڏي جاڙ اسان سان
ساڳيا جهولا، جهاڪا ساڳيا

—

⊛

عمر ڪٽي ٿي سات نياڻي
نينهن نڀائڻ جي ڪا ڪر تون

ايڏي مات چڱي ڪانهي ڪا
ڳالهه وڌائڻ جي ڪا ڪر تون

ڪاٿو ڪمايو عمر سڄي تو
قرب ڪمائڻ جي ڪا ڪر تون

ٻُڪ بدن جي لهڻي ڪانهي
روح ريجهائڻ جي ڪا ڪر تون

لوڪ تہ ٻارڻ پيو سوريندو
آڳ اُجهائڻ جي ڪا ڪر تون

ڏنَ جو، ڦنَ جو، موهت مَنَ جو
وَنڊُ ورهائڻ جي ڪا ڪرتون

ڪهڙي پيڙا منجهہ پيو پڄرين؟
سور سٺائڻ جي ڪا ڪر تون

—

گردشِ آفتاب ڪيستائين؟
جلوهِ ماهتاب ڪيستائين؟

ڪير ڄاڻي تہ پنهنجي مُٺِ ۾
هي جهانِ خراب ڪيستائين؟

منهنجي جوڀن کي آ جتاءُ ڪٽي
شوخ تنهنجو شباب ڪيستائين؟

سرخوشي ڪيڏي مختصر آهي!
آگهيءَ جو عذاب ڪيستائين؟

دل جا سادا سوال ساڳيا
تنهنجو ابتو جواب ڪيستائين؟

غير مشروط پيار کي پوڇيون
هي گناهہ و ثواب ڪيستائين؟

اي خدا! آهہ جو نہ نڪري
بي حسي بيحساب ڪيستائين؟

—

⊛

غمِ زندگيءَ کي تہ روئي چڪاسين
اسين تڏهن شايد ٿي پٿر وياسين

ڪڏهن ٿهڪ ڏيئي بہ ٽاريا ها ٽاٽا
وڇوڙن ورايو تہ رَڄ ٿي رناسين

اوهان جي اندر جي خدا ٿي ٿو چاٿي
اسين پر اوهان جا هميشہ هياسين

ٻُڌا ڪونہ ٻاروچي، وِندُر وات ويندي
سندي وس واڪا وڏا ٿي ڪياسين

رلايو ٿڪايو تہ رستن گهڻو ٿي
مگر منزلن تي پڄي ٿي وياسين

عجب عاشقيءَ جو آ انجام پوڳيو
نہ تنهنجا ٿياسين نہ پنهنجا ٿياسين

نهارون، بهارون، نہ الطاف سارون!
اسين زندگي چا گذاري چڪاسين؟

—

جيءَ کي جفا ۾ رکي ڏسجي
ڏيئو کو هوا ۾ رکي ڏسجي

پيار ساڻ پورهيو ڪجي ۽ پوءِ
آسرو خدا ۾ رکي ڏسجي

ٻاٽ کي تہ سمجهڻ سزا گهرجي
جوتِ کي جزا ۾ رکي ڏسجي

گيت گنگنايون پرين پريتڻي جا
ساز کي صدا ۾ رکي ڏسجي

عرش کان بہ اعليٰ نقش ناهجي
خواب کي ڪلا ۾ رکي ڏسجي

نينهن کان تنائي ڪجي ناز هاڻي
سونهن کي سزا ۾ رکي ڏسجي

ساوڪون سڄي سنڌ ۾ آڻجن
ٺراوَت فضا ۾ رکي ڏسجي

—

❂

کانھي لاٽ لڙون ڪيسين؟
اونده سانڍ اڙون ڪيسين؟

ٻين ۽ دنيا جي ھن ڏکندڙ
دوزخ منجھ سڙون ڪيسين؟

ڪجھ ڪا ساھي پٽبي آ
رستن منجھ رڙون ڪيسين؟

ماٺ جو مينھن وسي ٿو پيو
ڳالھين سانڍ ڳڙون ڪيسين؟

ڏاريو آن، تون ڏاريو آن
ڪاتيندين جڙون ڪيسين؟

—

⊛

محب مٺا مهتاب اسان جا
خوشبو خوشبو خواب اسانجا

ساجن تنهنجي درشن سانگي
نيڻ سدا بيتاب اسانجا

تولئہ هي سپ باد بهاري
گوندر ۾ گرداب اسانجا

ڪن ۾ من لائي جي پڙين
پول اٿئي ناياب اسانجا

گهرا گهرا سوال اوهان جا
جهيڻا جهيڻا جواب اسانجا

آهين تون ۾ تنهنجي محفل
آهيون اسين ۾ عذاب اسانجا

پهريان پنهنجو پاڻُ پسي، پوءِ
ڏسجانءِ ڏوهہ ثواب اسانجا

سنڌو تنهنجي ساگر سان ٿي
صحرا هِن سيراب اسانجا

—

⊛

يلي سين ساڻ رابطو رکجي
مگر ڪو ٿورو فاصلو رکجي

هجي ته هِڪُ پي هجوم آهي
ضرور ڪونهي قافلو رکجي

جنون گهرجي تو جيتَ خاطر
شڪست جوپي حوصلو رکجي

محبتون يا ڪه دنيا داريون
اڳيان اوهان جي معاملو رکجي

ٻُڌي نه سمجهي پلا جو دل جي
اُنهي سان ڪهڙو واسطو رکجي

سَليون سيپئي سُور ساتين سان
ملال من جو وائکو رکجي

—

⊛

متي ٿي مُلهه آهي منهنجو
مون ۾ آخر ڇاهي منهنجو؟

وقت سندو واچوڙو ويو آ
واريءَ جو گهر ڍاهي منهنجو

توکي تنهنجو ڪيڏو تڪبُر
مون ۾ ڪجهه پي ناهي منهنجو

ڪوتہ هجي جو تنهائيءَ جو
طوق ڳچيءَ مان لاهي منهنجو

ڄاڻي ڄاڻي ڄاتو آ مون
سو ٿي پلو جو ناهي منهنجو

عمر اُنهيءَ سان اڳاڻيل آ
جيڪو بنهه بہ ناهي منهنجو

واجهائيندي وَرهہَ لنگهي ويا
وقت وريو ٿي ناهي منهنجو

ماڻهن سمجهيو مجنون مونکي
ڏاهه ڏٺو ڪنهن ڏاهي منهنجو

هـان؛ نـ هـر گـز هـاريـو آهـي
ساهہ سڙي ويو چاهي منـهـنـجـو

او الـطـاف! ورائـي چـئـجـان
مون ۾ ڪجهہ پي ناهي منهنجو.

—

⊛

ڪم تہ ڪيئي ڪيا پر اڌورا ڪياسين.
خواب جيڪي ڏٺا، سي نہ پورا ڪياسين.

من اندر جو انڌيرو نہ گهٽ ٿي سگهيو
سوجهرا سمجهہ آهر سمورا ڪياسين.

هن حياتيءَ جو احوال ڪهڙو ڪريون؟
جهڙا تهڙا مڙئي ڏينهن پورا ڪياسين.

دل جي دردن سان دوستي ڪا اهڙي لڳي،
مهل ميلن جي هوندي عاشورا ڪياسين.

پيڊَ هِن پونءِ جو نہ سمجهي سگهياسين،
سوچي سوچي رڳي وار پورا ڪياسين.

توڙي الطاف ٿياسين اڪيلا اڪيلا،
پوءِ بہ واعدا وفائن جا پورا ڪياسين.

—

⊛

تنهنجي گهور جو گهائل هوندو.
سڀ کو تو ڏي مائل هوندو.

اکيون جنهن جون هونديون آليون،
پڪ سان تو لئه پاڳل هوندو.

منهنجو ڏوهه ڏسڻ وارن ۾،
لوڪ سمورو شامل هوندو.

ڪنهن سان ڳالهه ڪجي دل واري،
هر ڪو هُن تي دانهيل هوندو.

ياد رهين تو تون ئي يعني،
مون کي وسارڻ مشڪل هوندو.

تنهنجي سارَ ۾ سانجهه سويري،
روح اسان جو ريڏل هوندو.

موت پڇاڻا منهنجا سپرين،
سات اوهان جو گهربل هوندو.

تون به تو چاڻين مان به تو چاڻان،
عشق جو ڇا هڙ حاصل هوندو.

سات سهارو ناهي سدائين،
سور سوايو پل پل هوندو.

راهون راهون ريشم ريشم،
چوريءَ پاتو مخمل هوندو.

جيڪو پائنيو بنهه نمائو،
سمجهو سوئي قاتل هوندو.

تو جهڙو الطاف اياڻا،
ڪونه ڪٿي ڪو پاڳل هوندو.

—

⊛

نئون نينهن لائجي،
وري مسڪرائجي.

ماٺ چئڻ تہ موت آ،
ڳالھہ ڪجھ وڌائجي.

روز پيا ماڻهو مرن،
گيت ڪيئن تہ ڳائجي؟

بي قدر انسان کي،
نيڪ آ نڪرائجي.

وقت جي ويڙهاند ۾،
ڇو ڀلا گھٻرائجي.

پاڻ ئي ڪجھ پاڻ کي،
ٿورڙو ٿڙپائجي.

سوچ جي سرڀات سان،
لوڪ کي جاڳائجي.

شوق جي شعلي منجهان،
باھہ ڪا ڀڙڪائجي.

چاھہ جي چسڪي وٽي،
روح کي گرمائجي.

هل هلي الطاف اچ،
يار کي پرچائجي.

—

اها هوڏ تنهنجي هٽايان تہ پو؟
جي مان ٿي نہ توسان نيايان تہ پو؟

نماڻو ڏسي تون خدا ٿي وئين!
جي مان پي نہ گردن جهڪايان تہ پو؟

اڃان آسرن ۾ رکيو پيو اڇين،
سندي گهرج جيڪر گهٽايان تہ پو؟

وري منهنجي ويجهو پيو ايندو وڃين
وري فاصلن کي وڌايان تہ پو؟

ڏسي چپ تو ڄاتو ختم ڳالهہ ٿي!
وري مامرن کي منجهايان تہ پو؟

ڇيم دل کهاڻي ٻُڌين ڇو نہ ٿو؟
ڇيائين جي قصو ڳُڻايان تہ پو؟

ڇيم روز خوابن ۾ ڪيڪارين پيو،
ڇيئين ننڊ تنهنجي ڦٽايان تہ پو؟

ڇيم ڇو رقيبن سان گهارين پيو؟
ڇيائين انهن کي سڏايان تہ پو؟

ڇيـم ياد تـنهنجي ستـائي پئي،
ڇيـائـيـن وڇـوڙا وڏايـان تـہ پـو؟

ڇيـم نيـڻ تـولاءِ نـهـاريـن پـيـا،
ڇيـائـيـن جي پيـرو نـہ لايان تـہ پـو؟

ڇيائين تون الطاف بس منهنجو آهيـن،
وراڻيـم نـئون نيـنهن لايان تـہ پـو؟

—

ٻوڏ جي پسمنظر ۾ لکيل غزل

ڪهڙي ڪهڙي ذات لڙهي وئي!
ڌرتيءَ جي هر ذات لُڙهي وئي!

ڏوريو ڏينهن تہ ٻَنڌُ پرينديءَ،
آڌيءَ ويلي رات لُڙهي وئي!

حاڪِمَ! ويندو وقت ٽري هي،
تنهنجي پر اوقات لُڙهي وئي!

هائي! ڏسي پالوٽ پَلُر جي،
منهنجي پوري رات لڙهي وئي!

اوريان حال اياڳن جو ڪينئن،
ڏاتر! منهنجي ڏات لڙهي وئي!

—

⊛

چوڌاري آ پاڻي پاڻي!
سنڌ سڄي آ ساڻي ساڻي!

ڳوٺ نہ هو ڪو ڳيرو هو جو،
هاءِ لڙهي ويو هاڻي هاڻي!

منڇر منهنجي مالها ٽوڙي،
جوڙيم جيڪا داڻي داڻي!

پاڻيءَ جي گهيري ۾ وينو،
ڪوئي گهري ڏس! پاڻي پاڻي!

ماڻهو ئي ماڻهوءَ جو مسيحا،
ڄاتو آ مون ڄاڻي ڄاڻي!

—

⊛

چاھ دل جو ھُيو، چسڪو نہ ھو.
روح جو روڳ ھو، رونشو نہ ھو.

اسين بس رھياسين اوھان جا مگر،
اوھان کي قدر ڪو ايڏو نہ ھو.

ھئي اڪ ازل کان اوھان سان لڳل،
پرين پيار پنھنجو پروڪو نہ ھو.

وڃائي وڃائي اسان پاڻ پاتو،
سفر زندگيءَ جو اجايو نہ ھو.

اسان کو اوھان کان پري ڪونہ ھاسون،
اوھان جي اندر ۾ جھروڪو نہ ھو.

اسان عشق آڇيو اوھان دوستي،
فرق سمجھ جو ھو ڪو جھيڙو نہ ھو.

اوھان جو بہ حصو ھُيو حالتن ۾،
رڳي ڏوھ منھنجو سمورو نہ ھو.

وئي عمر گذري اڪ چنبي ۾ مگر،
ھُيوجيڪو ڪجھ بي، ڏوڪو نہ ھو.

نئين ناز سان ھو الطاف آيو،
مگر حال منھنجو اڳوڻو نہ ھو.

—

گھاءُ گھرو ٿي ويو آ.
ساهه سوڙهو ٿي ويو آ.

واهه زمانا! چال تنهنجي
چاهه چرچو ٿي ويو آ

چوٽ ڪاڏي آهي چڱڙي
هانءُ هلڪو ٿي ويو آ.

دل تہ آهي بار جهڙي،
جسم جهونو ٿي ويو آ.

تو نہ ڄاتو، تو پڄاڻان
حال ڪهڙو ٿي ويو آ؟

گل گلابي ٿيا مهانگا
خون سستو ٿي ويو آ.

من اندر ٻر آنڌ مانڌ آ،
شوق شعلو ٿي ويو آ.

سُور سانڍي سچ پاتو،
سور ٻيڻو ٿي ويو آ.

ڇا ڇوان الطاف ڪي؟
هاڻ هيڻو ٿي ويو آ.

⊛

سونهن کي سلام چئجي،
نينهن کي انعام چئجي،

ڪُوڙ کي ڪهرام چئبو
سچ سِرعام چئجي،

ڳالهہ جا آهي حقيقي
سا تہ صبح و شام چئجي،

قرب جون ڳالهيون ڪجن
پيار جو پيغام چئجي،

حسن سان آهي حياتي
عشق کي اڪرام چئجي،

ڪلفتن کي ڪفر سڏبو
امن کي اسلام چئجي،

هُو نہ مليو آ تہ ڇو؟
نينهن کي ناڪام چئجي،

ڪوئي ڄاڻي يا نہ ڄاڻي
شاعري، الهام چئجي،

مرحبا مسلم مٽان آ
غير کي پرڻام چئجي

هي غزل الطاف تنهنجو
زندگي جي نام چئجي،

⊛

خـدمـت ۾ خـدائـي آ
بـي ڳـالهہ اجـائـي آ

من هو بہ اڃي نـڪري
اڄ سـار سـوائـي آ

سڄڻ سان وڃي گذري
سـا عـمـر سـجـائـي آ

پيو پيش ڪيان مان ڇا؟
مـون وٽ تـہ وفـا ئـي آ

دل کي ڪيئن سمجهايون
بـي چـئـي آ، تـوائـي آ

تـا ٻـيـڙا پـار ٿـيـن
جـي دل ۾ سـچـائـي آ

سو ديس اٿئي منهنجو
جـت شـاهہ پـتـائـي آ

الـطـاف سنيـالـي هـل
ڪ وڪ ڏکـيـائـي آ.

—

اڄ جي نہ ڪھاڻي آ
ھيءَ پريت پراڻي آ

ھڪ اڄ اُجھي ٿي نٽي
ٻيو اڪين ۾ پاڻي آ

وَرھن کي متان سوچين!
پل پل جي ڪھاڻي آ

ڪو جاڙ ڪري ويندس
ھوءَ جيڏي نماڻي آ

ھر ماڻھوءَ جي من ۾
ڪا درد ڪھاڻي آ

ھر ھٽ ۾ نٿين شيءِ آ
پر سوچ پراڻي آ

پوتار نہ تا پرجن
سنڌ ڪيڏي نہ ساڻي آ

الطاف جي ڏات ڏسو
اڄ ڪيڏي اڏاڻي آ

وايـون

⊛

سونهن جا، سُرهاڻ جا
آءُ تہ ڪي سپنا اُڻون!

آس جي اونداهہ ۾، چاهہ جي چانڊاڻ جا،
آءُ تہ ڪي سپنا اُڻون!

ڪُوڙ ڪالهوڪا ڇڏي سچ پري صبحاڻ جا،
آءُ تہ ڪي سپنا اُڻون!

پَٽ پراڻي جي مٿان ٿي نِتُ نئين نواڻ جا
آءُ تہ ڪي سپنا اُڻون!

محبتي مانداڻ ۾، نينهن جي نرواڻ جا
آءُ تہ ڪي سپنا اُڻون!

مذهبي مت ڀيد کان اڳيري اُهڃاڻ جا
آءُ تہ ڪي سپنا اُڻون!

ساڀيان کهڙي سُيان جي، هاڻ جا، بس هاڻ جا،
آءُ تہ ڪي سپنا اُڻون!

ايڪتا ۽ امن واري ماتريءَ مهراڻ جا،
آءُ تہ ڪي سپنا اُڻون!

سرحدون سيئي سميٽي عالمي راڄاڻ جا،
آءُ تہ ڪي سپنا اُڻون!

تون نہ هوندين پر تنهنجون
ڳالهڙيون ڳائبيون پيون

هاءِ! تنهنجي هنج ۾ بس ڏينهن گهاريا ڏون
ڳالهڙيون ڳائبيون پيون

پاڻ هونداسين نہ پوءِ ٻي پريت پنهنجيءَ جون
ڳالهڙيون ڳائبيون پيون

لوڪ ساري کان لڪي، تو ۽ مون جيڪي ڪيون
ڳالهڙيون ڳائبيون پيون

مون کان ناهن وسريون پر تو ڀُلائي جي ڇڏيون
ڳالهڙيون ڳائبيون پيون

آس آهي هن ڪنڌيءَ، تي شل وري گڏجون
ڳالهڙيون ڳائبيون پيون

—

تولئہ هوندو دين ڌرمر.
مون لئہ ماڻهو آهہ مُهان.

ڪعبو، ڪاشي، ڳالهہ آ ساڳي، ٻئي هڪجهڙا محترمر،
جهڙي گيتا، تهڙو قرآن.
مون لئہ ماڻهو آهہ مُهان.

جوش جهادي، فڪر فسادي، مُور نہ ڀانيان موچارو ڪمر،
منهنجو محبت ۾ ايمان.
مون لئہ ماڻهو آهہ مُهان.

هر ڪو سوچي، لُڇي، لوچي، پائي پنهنجو پيد پرمر،
گوتمر وارو منهنجو گيان.
مون لئہ ماڻهو آهہ مُهان.

ذات ۾ ناهي، ڏات ۾ آهي، روشن خيالي، فڪر، فهمر،
پيغ ڀٽائيءَ جو فرمان.
مون لئہ ماڻهو آهہ مُهان.

—

⊛

چو رهون چڪتاڻ ۾.
اڄ تہ پرچون پاڻ ۾.

مان بہ آهيان، تون بہ آهين، موج پيي مهراڻ ۾،
اڄ تہ پرچون پاڻ ۾.

هوڏ ڇڏ، يَرَ، ڇا رکيو آ "چو"، "مگر" "ڇاڪاڻ" ۾،
اڄ تہ پرچون پاڻ ۾.

آدميءَ کان ٿي خطا ٿئي، ڄاڻ ۾، اڻڄاڻ ۾،
اڄ تہ پرچون پاڻ ۾.

ڇُپَ چوريون، حال اوريون، چوڏهين چانڊاڻ ۾،
اڄ تہ پرچون پاڻ ۾.

ڪير ڄاڻي، ڪيسين آهيون، مٽيءَ جي مانداڻ ۾،
اڄ تہ پرچون پاڻ ۾.

حيف ! تنهنجي هوندي منهنجون اکڙيون آلاڻ ۾،
اڄ تہ پرچون پاڻ ۾.

—

⊛

تجرباتي وائي

آڌيءَ رات اَکير، منهنجي نيڻن نير
اُگهيـر اکيـون آلڙيـون!

اوتيـو اُتـر واءُ، هجـر پـريـو کـو هُڳاءُ
روڳي منهنجون راتڙيون!

توکي تانگهي من، وسري کونـہ سگهن
ڳهلي تنهنجون ڳالهڙيون!

کومل کومائيون، وياکل ويڳائيون
توبن منهنجون شامڙيون!

مون کي پريت جا پور، ساٿي منهنجا سور
توسان سُکيون ساهڙيون!

ٻوري مون کي پانءُ، وچڙي ويندوسانءُ
واجهائيندينءُ واٽڙيون!

—

⊛

چو پيو ڳولين ڇانءِ؟
مسافر هوريان هوريان هل!

توڙي آهي پنڌ پرانهون، ڇو ٿو هارين هانءِ
مسافر هوريان هوريان هل!

ورچي ويهڻ واٽن تي، ڪين ٿو ڇاڄان آنءِ
مسافر هوريان هوريان هل!

رهجي ويندءِ راهن ۾ ئي سڀ وستيون ۽ وانءِ
مسافر هوريان هوريان هل!

ڏوري ڏوري ڏاهپ ملندئي، ڏاتر ڏيندئي ڏانءِ
مسافر هوريان هوريان هل!

سوئي ماڳ ملائيندو مون، ذات نہ جنهنجو نانءِ
مسافر هوريان هوريان هل!

—

آنءَ نہ ڄاڻان ڪيئن اُجهي!
ايڏي منهنجي اُڃ، ميـان...

پاڻيان هيءُ سنسار سمورو
ساڃن ڏاران سُڃ، ميـان...

مذهب منهنجو عين محبت
پاپُ نہ ڄاڻان پُڃ، ميـان...

اگر اکڙين مان ٿا برسن
روح تہ سارو رُڃ، ميـان...

⍟

کهڙي ڳوليان ڪاڪ!
مان به نه ناهيان مينڌرو!

ڪيف منجهاران ڪاڪ جي ڪانهي ڇائي خاڪ!
مان به نه ناهيان مينڌرو!

نه ڪي چانگي آءُ چڙهيس،نه ڪي چڪيم چاڪ!
مان به نه ناهيان مينڌرو!

گهرجي مُور نه مومل، گهرجي مومل جي املاڪ!
مان به نه ناهيان مينڌرو!

نالي ماتر ئي نه سڏيون ٿا سنڌ کي پنهنجي ڪاڪ!
مان به نه ناهيان مينڌرو!

—

تنهنجي ڏاران يار، وڌُ تي ويا وهنوار !
روڳي سوڳي روح اسانجو!

تو بن منهنجا سپنا ساٿا، ويڳاڻا ويچار!
روڳي سوڳي روح اسانجو!

ڪوئي ڪيئن وساري ويهي تنهنجون ٻانهون هار!
روڳي سوڳي روح اسانجو!

توسان منهنجا جهيڙا جهڳڙا، توسان قول قرار!
روڳي سوڳي روح اسانجو!

ڪيسين سات سهارو ٿيندي سپرين تنهنجي سار!
روڳي سوڳي روح اسانجو!

سانوڻ آيو آهي اڪيلو، تون ٻي اچين ها يار!
روڳي سوڳي روح اسانجو!

جيون هڪڙو جهرڻو، جنهن جو ڪونهي پار اُپار!
روڳي سوڳي روح اسانجو!

نينهن جو نازڪ نرمل ناتو
تو بہ نہ ڇاتو، مون بہ نہ ڇاتو!

پريت بنا او منهنجا پيارا جيون آ ڇڻ کو پاراتو
تو بہ نہ ڇاتو، مون بہ نہ ڇاتو!

اتر ڪان ڪي اوتون آيون آس وندو من تو لٺ آتو
تو بہ نہ ڇاتو، مون بہ نہ ڇاتو!

ساز وجودي سپ وڃائي آهي پنهنجو پاڻ سڃاتو
تو بہ نہ ڇاتو، مون بہ نہ ڇاتو!

رولاڪي آ پنهنجي نرالي سُولي سفر ۾ پير نہ پاتو
تو بہ نہ ڇاتو، مون بہ نہ ڇاتو!

ڪهڙا وينو ليڪا ڪولين تنهنجو منهنجو هڪڙو ڪاتو
تو بہ نہ ڇاتو، مون بہ نہ ڇاتو!

راڳ رسي ويا دل جا سارا وقت ڪو اهڙو گيت آ ڳاتو
تو بہ نہ ڇاتو، مون بہ نہ ڇاتو!

—

❀

ڏک جو ڏونگر ڏاريوسين
هانءِ نہ هاريوسين

سيءُ سياري، هاڙ اونهاري، ساجن ساريوسين
هانءِ نہ هاريوسين

جيءُ جلائي، جوت جڳائي، ٻارڻ ٻاريوسين
هانءِ نہ هاريوسين

هوندي ڪي اڻ هوند ٻڌائي ٻاڻ ڪي ماريوسين
هانءِ نہ هاريوسين

ڳهرج ڳهڻائڻ ڪان پوءِ يي ڳٽيءَ ڳاريوسين
هانءِ نہ هاريوسين

منهنجا مور نہ ها جيڪي تن سان گهاريوسين
هانءِ نہ هاريوسين

—

⊛

ڪوئل جون ڪُوڪُون

رات ٿــري آهــي

مون ۾ ناهيان مان ۽ آخر تون بہ نہ رهندين تون
رات ٿــري آهــي

ساوڻ آيـو ساڻ ڪٿي ڪي ساجن جون سارون
رات ٿــري آهــي

ماٺهو ڇا ڇا چاهي ٿو پر مون ڪي تون ٿي تون
رات ٿــري آهــي

پنهنجو سارو سرمايو ٿي سپنا ۽ سوچون
رات ٿــري آهــي

ماڳ اوهان جا، منهنجا آهن رستا ۽ راهون
رات ٿــري آهــي

ڪيڏا سانگ سجايا آهن، تنهنجي ڪارڻ مون
رات ٿــري آهــي

پرهہ ڦٽي آ پنبڻين ۾ ٿو خواب ڪري ڪيهُون
رات ٿــري آهــي

آهُ تہ لعل لطيف چواٿي لُڇون ۽ لوچون
رات ٿــري آهــي

—

جاڻ تيو نابُود! الا! هي وارياسو وجود!
الا! هي وارياسو وجود!

تنهنجي سار سندا سيپارا، تنهنجو درد دُرود !
الا! هي وارياسو وجود!

پويان نامعلوم نسورو، اڳيان نا موجود!
الا! هي وارياسو وجود!

نڪي ڪعبي ڪم اسان ڪي، نڪي ڪو مسجود!
الا! هي وارياسو وجود!

هُجڻ ۾ هيجان گهڻو پر وڃڻ چئي نہ وجود!
الا! هي وارياسو وجود!

لا محدود زمانن ۾ مان منجهان ٿي محدود!
الا! هي وارياسو وجود!

ذري ذري ۾ زبان مگر تون سودائين پيو سُود!
الا! هي وارياسو وجود!

—

⊛

گوندر ۾ پيا گھاريون سائين!
توکي ڪيئن وساريون سائين!

تنھنجون ڳالھيون، يار نراليون
تن کي ويٺا ساريون سائين
توکي ڪيئن وساريون سائين!

سانجھ سويري، رات انڌيري
تنھنجا پُور پچاريون سائين!
توکي ڪيئن وساريون سائين!

راھ بہ توسان، چاھ بہ توسان
ساھ بہ توتي واريون سائين!
توکي ڪيئن وساريون سائين!

سيء سياري، ھاڙ اُونھاري
تنھنجي راھ نھاريون سائين!
توکي ڪيئن وساريون سائين!

مُندَ ملھاري، ساوڻ واري
توبن ڪيئن گذاريون سائين!
توکي ڪيئن وساريون سائين!

آءُ تہ گڏجي، رلجي سلجي
ڏک جو ڏونگر ڏاريون سائين!
توکي ڪيئن وساريون سائين!

جيءَ ۾ جايون ڏيانءَ
جي تون رات رهين!

چُپ ٽوڙي مان چَپ چوريان
۽ چاهه پري کا ڳالهه چوانءَ
جي تون رات رهين!

ساوڻ جهڙا سانگ سجايان،
برکا بڻجي پيو برسانءَ
جي تون رات رهين!

چاهه منجهاران چانڊوڪيءَ ۾
وينو ساري رات ڏسانءَ
جي تون رات رهين!

سيڪجهه تنهنجو، تون جي منهنجو،
صدقي تو تان ساهه ڪيانءَ
جي تون رات رهين!

وره وڇوڙي، ڇڏيو نهوڙي،
آئي مون کي يُونءَ نہ يانءَ
جي تون رات رهين!

آءٌ پتائي، آءٌ اياز،
ڏات پريو ڪوئي ڏانءُ ڏجانءَ
جي تون رات رهين!

—

ساريو ساريو سيڻ
روئي وهامي راتڙي

الا! آيم ياد پرينءَ جا، ننڊاکڙا نيڻ
روئي وهامي راتڙي

هر هر هُرن هانءَ ۾، سارو ڏينهان سيڻ
روئي وهامي راتڙي

پريتم توکان پوءِ، اسان جا ننڊن بنا نيڻ
روئي وهامي راتڙي

جاڳي ياڳ جڳاءِ نہ تہ، سُتي ويندئي سيڻ
روئي وهامي راتڙي

اديون لال لطيف چوائي ننڊ نہ هيريو نيڻ
روئي وهامي راتڙي

⊛

ڪي ڏنجهہَ ڏٺي، ڪو ڏانءُ ڏٺي
هاءِ! وَهِي تہ وڃي ٿي پئي!

مند مينهوڳي، ڪير مَنَ روڳي
تو تہ اڇڻ جي ڪانہ ڪئي!
هاءِ وهِي تہ وڃي ٿي پئي!

ڪا ڳالھ ڳجهي، جا دل کي سُجهي
تو ڪانہ ٻُڌي، مون ڪانہ چئي
هاءِ وهي تہ وڃي ٿي پئي!

هن رڳ رڳ ۾، جا هُنئي اڳ ۾
سا تانگھ نہ آ، سا تات بہ وئي
هاءِ وهي تہ وڃي ٿي پئي!

ننديڻ نہ رهيو، جوڀن بہ ويو
ڪيئن وقت ڪٽيو، ڪا خبر نہ پئي
هاءِ وهي تہ وڃي ٿي پئي!

شل وقت ملي ۽ هلجي هتي
ڪو جوڳ وٺي، ڪا جاڳ ڏئي
هاءِ وهي تہ وڃي ٿي پئي!

—

هل مسافر هلندو هل
منزل آهي اجان اڳتي

ايندي آخر ڪاڪ ڪڪوري جتڙي نينهن اُجل
منزل آهي اجان اڳتي

پنڌ پرانهون آهي پيارا، ٽِڪڙو، ٽڪڙو هل
منزل آهي اجان اڳتي

هڪڙو يي همراهه ملي تان سات ڪي سمجھ سڦل
منزل آهي اجان اڳتي

هوندو ناهي هميشہ ڪوئي، پَلُ پَلُ ياڻ، اٽل
منزل آهي اجان اڳتي

ورچي ويهي رهڻو ناهي، ڪونہ ٿيو نربل
منزل آهي اجان اڳتي

پَلُ پَلُ کي پرپور جيون پوءِ اچڻو نيٺ اجل
منزل آهي اجان اڳتي

⊛

اندر ايڏي اوجلتا
ٻاهر ڪيڏي آهي ٻاٽ!

ڪوئي ڪينءَ سهي سگهندو،
جڳ ۾ جيڏي ڪنوَرتا!
ٻاهر ڪيڏي آهي ٻاٽ!

توکي ٽڻ جي تانگهه وٺي ٿي،
مون کي مَنَ جي سندرتا
ٻاهر ڪيڏي آهي ٻاٽ!

پونءِ جو پاڳ پلو ڪينءَ تيندو،
جيڪر ناهي جاڳرتا؟
ٻاهر ڪيڏي آهي ٻاٽ!

مون کي ماريو محبوبن جي
چنچلتا ۽ ڪوملتا
ٻاهر ڪيڏي آهي ٻاٽ!

—

⊛

کير تو ڇاڻي ڪاڏي ويندا!
پوئين پهر جا پانڌيئڙا!

هيڪر جي هُو هليا هُن پَرِ،
موٽي مُور نہ ايندا!
پوئين پهر جا پانڌيئڙا!

اديون هن اڻڇاڻ کي ڪاتي
انت اڳيان جو ڏيندا!
پوئين پهر جا پانڌيئڙا!

هاءِ! نہ ڄاتم اوچتو ايڏو
وڇڙي مونکان ويندا!
پوئين پهر جا پانڌيئڙا!

دنيا ڇڻ تہ مسافر خانو
هڪڙا ويندا ۽ ٻيا ايندا!
پوئين پهر جا پانڌيئڙا!

—

⊛

مون کي مارينديون
سهڻا تنهنجون ساروڻيون

ويروتار وجود کي ڳڻتيون ڳاريندڀون
سهڻا تنهنجون ساروڻيون

اکيون آلڙيون تنهنجي راهه نهاريندڀون
سهڻا تنهنجون ساروڻيون

گهنگهر منجهه گهڙيون گهايل گهاريندڀون
سهڻا تنهنجون ساروڻيون

سورن واريون سات کي ڪيئن وساريندڀون
سهڻا تنهنجون ساروڻيون

ڍولئي ڏاران شال دليون ڏيرج ڏاريندڀون
سهڻا تنهنجون ساروڻيون

—

⊛

لِڪي ڇُپي آءُ
لُڪا ڏ پِئي لوڪ کي!

واس تنهنجي وارن جو، وڻائي ٿو واءُ
لُڪا ڏ پِئي لوڪ کي!

چوري تنهنجي ڇَير ۾، سُرَن جو سَتاءُ
لُڪا ڏ پِئي لوڪ کي!

لِڱن منجهه لهي ويو، چوريءَ جو ڇهاءُ
لُڪا ڏ پِئي لوڪ کي!

هجر جو هوائن مان، اچي ٿو هٻڪاءُ
لُڪا ڏ پِئي لوڪ کي!

مٺو آهه ماکيءَ کان، سڄڻ جو سياءُ
لُڪا ڏ پِئي لوڪ کي!

نياپو آ نينهن جو، نيڻن جو نماءُ
لُڪا ڏ پِئي لوڪ کي!

—

ايـڏي ســاري سِــڪ!
ڪيئن سنياليـون سيـني ۾!

لالڻ توسان لنئو لڳي وئي تنهن ۾ ڪهڙي لِڪ
ڪيئن سنياليـون سيـني ۾!

چيهه ڪري ڇڏيو آهي ڇوري تنهنجيءَ ڇڪ
ڪيئن سنياليـون سيـني ۾!

تنهنجو منهنجو ڪهڙو ويڇو ڳالهه مڙيوئي هڪ
ڪيئن سنياليـون سيـني ۾!

جيئن تا ڄهيرَ جُهرن الا! تيئن تي جاڳي سِڪ
ڪيئن سنياليـون سيـني ۾!

—

تجرباتي وائي

وڻُ ڪو ويڳاڻو، نہ ڪو ٻُور نہ ڇانءُ
تو بن اهڙو آنءُ

مولا! کهڙو ماڻو، نہ ڪا ڏات نہ ڏانءُ
تو بن اهڙو آنءُ

ٽري ڪيئن ٽاڻو، نہ ڪو ٽاڪ نہ ٽانءُ
تو بن اهڙو آنءُ

سُورَن ساماڻو، ڪِينَ تو هاري هانءُ
تو بن اهڙو آنءُ

اندرَ اولاڻو، رَبَ مِني جو نانءُ
تو بن اهڙو آنءُ

⊛

پيچ پني؞ جي ويل

آئي سار سڄڻ جي

مان پيي مُرڪي مُند ملهايان، هو جي اچن هيل
آئي سار سڄڻ جي

آهي آس اندر ۾، تيندا محبوبن سان ميل
آئي سار سڄڻ جي

نيڻ نهارن تنهنجون راهون، آءٌ اويل سويل
آئي سار سڄڻ جي

دلبر تنهنجي ديد بنا، پَرَ، ڪهڙا تيل ڦليل
آئي سار سڄڻ جي

جيون جيتوڻيڪ اجايو، ناهر تماشو کيل
آئي سار سڄڻ جي

—

وڻ ٽـڻ ويڳاڻا
شام لٿي آهي

ڏور اُفق تان، لهندي سج جا، ڪرڻا ڪوماڻا
شام لٿي آهي

آکيرن ڏي پنهنجي پنهنجي پنڇي هاڻ اڏاڻا
شام لٿي آهي

ايندي رات جي سانت ڪٺي ڪي ڳُٽتيون ڳاراڻا
شام ٿي آهي

شام ۾ شوخ پئي ٿي جيڪر تون ۾ اچين او راڻا
شام لٿي آهي

—

⊛

نہ ڪا ٿوري نہ ٿي ڪو ڄام
ڪينجهر ڪناري!

لڙيو سج لاڙ جو آ، سُرمئي ٿي شام
ڪينجهر ڪناري!

بنا نوڙت نمرتا جي، هٿان ڪيئن هام
ڪينجهر ڪناري!

مٿان مڪليءَ مون ڄاتي مٽيائي مام
ڪينجهر ڪناري!

ڀلو تون ڀٽ ڌڻي تنهنجو ڀلو آ نام
ڪينجهر ڪناري!

—

⊛

روح سندي هِن رڻ مٿان، بادل بڻجي آ؛
آءُ اجارو ٿر جيان!

ڏاڍا آرهڙ ڏينهڙا، ڏاڍو تکڙو تاءُ
آءُ اجارو ٿر جيان!

نيٺ ته وسندا مينهڙا، نيٺ ته ورندو واءُ
آءُ اجارو ٿر جيان!

آگم اوڙهي تون اچي، ڏسجان، آڌرياءُ
آءُ اجارو ٿر جيان!

سانجهه سويري مونکي آ سڄڻن جو سوداءُ
آءُ اجارو ٿر جيان!

پوري! پيرو جي ڪرين پرجن سيئي گهاءُ
آءُ اجارو ٿر جيان!

—

2022ع جي ٻوڏ جي پسمنظر ۾

ڪر ڪو واڪو وس!
شال ٻڏي هو ٻاجهارو!

سنڌو تنهنجي صدقي آءُ هيل جي ڪائين ڪس!
شال ٻڏي هو ٻاجهارو!

منڇر! تنهنجي موج مُنجهايو سانگيئڙا بي وس!
شال ٻڏي هو ٻاجهارو!

دريا تو تي دانهن ٻه ڪهڙي تو سان منهنجو رس!
شال ٻڏي هو ٻاجهارو!

ڪهڙي راهه نهاري ماٺهو؟ ڏاتر ڏي ڪو ڏس!
شال ٻڏي هو ٻاجهارو!

ڊِينگو منهنجو ڊيري تي ويو بادل هاڻي بس!
شال ٻڏي هو ٻاجهارو!

جيڪو جيجل ڌرتي جياري سو ئي لهڻي جس!
شال ٻڏي هو ٻاجهارو!

—

2022ع جي ٻوڏ جي پسمنظر ۾

مولا مهر ڪجانِ
درد وندن جو ديس ٻڏي ٿو!

دربدريءَ ۽ بربادي جا، پورا پهر ڪجانِ
درد وندن جو ديس ٻڏي ٿو!

ھُو جي هليا گهرڙا گهوري، سوکا سفر ڪجانِ
درد وندن جو ديس ٻڏي ٿو!

پيٽ بکايل پانڌيئڙن لاءِ واڌو وکر ڪجانِ
درد وندن جو ديس ٻڏي ٿو!

هجرت واري سُنّت صدقي ھيڏا اجر ڪجانِ
درد وندن جو ديس ٻڏي ٿو!

واڳ وطن ڏي وري ورائي مالڪ مهر ڪجانِ
درد وندن جو ديس ٻڏي ٿو!

نظم

آسمانن کان اشارا ڪونہ ايندا

آسمانن کان اشارا ڪونہ ايندا
معجزاتي ڪي سهارا ڪونہ ايندا
ڪونہ ايندو ڪوئي عيسيٰ هت وري
ڪونہ ايندو ڪوئي مهدي آخري
هي مسيحا هت دوبارا ڪونہ ايندا
تنهنجي منهنجي دل ۾ جو دجال آ
خوف آهي خدشو آ بس خيال آ
توکي مونکي آهي بس ڪو وهم ٿيو
اوليائن جو زمانو ختم ٿيو
دم دلاسن جو زمانو ختم ٿيو
هيءَ هستي آهي ڪشتي ڪشٽ جي
تون ئي ان جو ناکئو تون ئي ان جو ناخدا
وقت جي هن وِير مان هن سمونڊي سير مان
پنهنجي مُڪتي پاڻ توکي ڳولڻي آ
ڪرشماتي ڪي ڪنارا ڪونہ ايندا
آسمانن کان اشارا ڪونہ ايندا . . .

—

خدا جو تصور

ڪتابن ۾ پڙهيو هوسين
بزرگن کان ٻڌو هوسين
آفرينش جي ابتدا ۾
انسان کي خلقيو خدا
پنهنجي ئي صورت سمان
پنهنجي ئي فطرت جيان
ليڪن منهنجو گيان چوي ٿو
مون ۾ ڪو وجدان چوي ٿو
ڄاڻ خدا جي ممڪن ناهي
خيال خدا جو ائين بہ ناهي
ڳالهہ ۾ تورو ڦير لڳي ٿو
ماڻهوءَ ئي دراصل خدا کي
سوچيو آهي، سمجهيو آهي
ذات سنديءَ جي آئيني ۾
پنهنجي ئي صورت سمان
پنهنجي ئي فطرت جيان...!

—

5 جولائي

اڄ ٻي آيو مون کي ياد
ظالم! تنهنجو گهات
ڏيهه سڄوئي جڏهين تو
ڏانوڻ ۾ ڦاسايو هو
گهوٽ اسانجو گهايو هو
اوجل سج اُجهايو هو
آندي تو هن ملڪ مٿان
اوندهه انڌوڪار سندي
يارنهن سالن جي هڪ رات
پر مان هڪڙي ڳالهه چوان،
مورک! تنهنجي ڇا اوقات
سورهيه مرن سوڀ کي
مٿيءَ ۾ آ تنهنجو نانءُ
توکي شايد ڄاڻ نه هئي
پٺي کان اڳ هئو پٺائي
سنڌوءَ جو سودائي
جنهن سمجهائي
ڪيڏاري جي بات
لالائيءَ جي لات
مرڻا اڳي ئي جي مٺا
سي مري ٿيا نه مات
هوندا سي حيات
جيئڻا اڳي جي جيئڻا.

Soorih Mirani

رب مني جي نانءُ جي صدقي

مسجد پيو ڏاهين
مندر پيو ڏاهين
ڪيڏو مورک آهين
ڪو نہ ٿو ڄاڻين
مسجد يا مندر جي اندر
ڏڻ وارا پيا دعائون گهرندا
ليڪن ٻاهر مسجد در تي
يا مندر جي دروازي سان
حاجتمند بہ وينا هوندا، خير جي خاطر
دان جي ڪارڻ
رب مني جي نانءُ جي صدقي..
مورک مسجد مندر ڀڃان
مڪتب جو نہ ٿو ڏاهين
جو نہ ٿو ڏاهين آخر تون
ڪوئي ڪتب خانو
جو نٿو ڏاهين آخر تون
ڪوئي شفا خانو
ڏاهڻ جي تون چاهين ٿو
ڏاه مسافر خانو
يا ڪو لنگر خانو
رب مني جي نانءُ جي صدقي..

Soorih Mirani

پاڻ تي تورو ماڻ تون ڪر
رب کي ڪا محتاجي ڪانهي
رب تي ڪو احسان نہ ڪر
بندي تي احسان تون ڪر
رب مني جي ناءُ جي صدقي

—

Soorih Mirani

جوين موٽي اچڻو ناهي

جيءَ لڳائي جيءَ پرين
جيون کي جرڪائي ڇڏ
جوين موٽي اچڻو ناهي!

من مندر ۾ موتيا، مُگرا
محبت جا مهڪائي ڇڏ
جوين موٽي اچڻو ناهي!

هيج هزارين هستيءَ جا
هينئڙي کي هرڪائي ڇڏ
جوين موٽي اچڻو ناهي!

جيون ڪوڙو زهر پريو آ
چاهه چُڪي ڳُڙڪائي ڇڏ
جوين موٽي اچڻو ناهي!

پريت پرائي ناهي تيندي
پرينءَ کي پرچائي ڇڏ
جوين موٽي اچڻو ناهي!

سڄڻ سان سنگيت ملائي
گيت پريت جا ڳائي ڇڏ
جوين موٽي اچڻو ناهي!

—

Soorih Mirani

پُلَ

ٽِڪي جيڏي ڏرتي آهي
ڪائنات جو ڪاٿو ناهي

ڪوريئڙي جي ڄار جيان
ماڻهو جنهن ۾ ڦاٿو آهي

پورا توکي پُلَ! تہ ڪنهن
آڪاشن تان لاٿو آهي

مان ڀانيان ٿو منهنجو مُلهہ
مٽيءَ ۾ هي ماٿو آهي

—

اڄ تون

نِهوڙي ڄيٺ جي ڄَرَ ٿي
اڄان آڪاڙُ اڳِتي آ
ٿو جهولو جي، ڪي جهوري
لڳي ٿي لهس ڪا لُڪَ جي
پيا ٻِٽهَڻ ۾ نيهاريون
ڇَمَر جي ڇانوَ ٿي اڄ تون..

سڄڻ ساوڻ بہ آيو آ
ڪٺي ساروڻيون تنهنجون
گهٽا گهنگهور برسي ٿي
ٿيون ٿُر بَر ٿا وسڪارا
ٻَڊي جي گهُٽ ٻُوسَٽ ۾
اُٿي جي ٿي هوا اڄ تون....

پرين پَن ڇڻ بہ آئي آ
پڇارون پريت جون پاري
سرءُ هِن آنديون سارون
لڳي ٿو گهر بہ ويرانو
ڪُٺي آئي، اڃها آئي
اُٿر جي اوٽ ٿي اڄ تون.

—

اڄ ٿون

پوي ٿو پوهہَ جو پارو
مهينو مانگهہُ اڳيان آ
سُڪي ٿو ساهہُ سرديءَ ۾
ٿا ٺرٺر لِڱ سڀ ٿڙڪن
سڙون ٿا سيءَ ۾ سانڍڻ
ٽِڪيرو ٽِڙڪو ٿي اڄ ٿون.

ڦڳڻ آيو ڦري آهي
ڇري دل ڇيڻ ٿي سوچي
آهي سُرهاڻ ساوڪ جي
گلن تي ماڪ ٿي برسي
بسنتي ويس ڪو اوڙهي
ڪا ٿڏڙي هِيرَ ٿي اڄ ٿون.

—

ڀٽائي جي نانءُ

ڪجي ڪيئن توسان ڀلا ڳالهہ ڪائي
نہ رهي آ اُهائي
ڀون، تنهنجي ڀٽائي!

سورميون اڄ ساريون، ڪري هت ڪاريون
ٻنا ڏوهہ ماريون، وڃن ٿيون ويچاريون
مگر چپ آهي هيءَ ساري خدائي!
نہ رهي آ اُهائي
ڀون، تنهنجي ڀٽائي!

غريبن جو والي نہ وارث خدا هت
ڀلا ڀاڳ آهن، ڀوتارن سندا هت
وڃا ملڪ جو مال سارو ئي ڪائي
نہ رهي آ اُهائي
ڀون، تنهنجي ڀٽائي!

نہ مذهب بچيو آ نہ ڪو ماڻهپو آ
رواداري پنهنجي نہ ڪو ڀائپو آ
بقا ڀاهمي آ ٻنهہ ئي ڀُلائي
نہ رهي آ اُهائي
ڀون، تنهنجي ڀٽائي!

—

تون ڪر جو توکي ڪرڻو آ

ڪو روڪيندو ڪو ٽوڪيندو،
تون ڪر جو توکي ڪرڻو آ....

هي جيون هيڪر جيئڻو آ،
۽ ٻيهر ڪين ڪي ملڻو آ،
ڇو وينو پور پچائين تو؟
ڇو اِن تي وقت وڃائين تو؟
ڇا لوڪ الائي سوچيندو؟
تون ڪر جو توکي ڪرڻو آ.

هي لوڪ نہ چاهي آزادي،
شخصي يا فڪري آزادي،
تون سوچ ستارن کان اڳتي،
ساحل ۽ ڪنارن کان اڳتي،
جو سوچيندو، سؤ ٿاهيندو
تون ڪر جو توکي ڪرڻو آ...

هي جيون بلڪل بي مقصد،
۽ سچ اهو آ سوءِ فيصد،
ڪا معنيٰ ان کي ڏيڻي آ،
ڪا منزل پنهنجي رکڻي آ،
جو ڏوريندو، سو پائيندو،
تون ڪر جو توکي ڪرڻو آ...

تاريخ

صدين کان سُربات اچن پيا
سنڌوءَ جي ساٿيهه اندر
وقت جي واڳ وري ئي نئي
پوتارن جي پونءِ مٿان
پاڇن ساهه کنيو تي پيو!
پاڇا ساهه کڻن ٿا پيا..!

—

⊛

کانگن کان کان
اُسر جو ويلو
آئون اڪيلو
ڏور افق مان
سج سڀاجهو
آهي نڪتو
پيار جي پيلي
چادر پائي
من گهبرائي
مون کي تنهنجي ياد ستائي.

—

جيـون

هـڪ اونـدهـ مـان آيـا آهـيـون
ٻـي اونـدهـ ڏي وڃـڻـو آهـي

وقت وجي پيو واچوڙي جان
ڏوڙ مـٽـي ٿـي اُڏڻـو آهـي

ونـگ وجـودي، ٻـاتـي ٻـولـي
هـيءَ حـيـاتـي ڇڻ تـہ پـرولـي

اوجـاڳـي ڪـان اک لڳـي آ
يـا سـپـنـي ۾ نـنـڊ ڦـٽـي آ

سڀ ڪجهہ رهجي وڃڻو آهي
مـون تـہ نـہ ڇاتو ڪـرڻو ڇاهي

پـيـڊ سـمـجـهہ ۾ آيـو نـاهـي
جـيـون پـوءِ بہ اجـايـو نـاهـي...!

—

فيصلو

چاهہَ جو چانورو
چار ڏينهَن سندو
هاءِ ! حيران مان
ايڏو هو اوپرو!
هُن جي هوندي بہ مان
هيڪلو هيڪلو!
بيدلي! اي بيدلي!
ڇا ڪبو ڳڏ هلي؟
او منهنجي زندگي!
منهنجو آ فيصلو
ڏار هاٿي تجي
روڳ ڇو پالجي؟
جان آجي ڪجي
دير ڇا جي ڪجي!

اهي نيڻ نهنا وساري نہ سگهبا

ٻنا پيار جي پَلَ گذاري نہ سگهبا.
اِهي نيڻ نهنا وساري نہ سگهبا.

اهو چنڊ چانڊاڻ چمڪائيندو پيو،
سدا سوجهرو سڄ ڦهلائيندو پيو.

گهٽائون بہ گهنگهور ايندبون گگن تي،
هوائون بہ گهُلنديون اسان جي اڱڻ تي.

بهارون بہ ٽينديون باغيچن مٽان ڪي،
سُڳنڌون بہ ايندبون گلن جي هٽان ڪي.

مگر تون نہ هوندين تہ منجهہ تي من جي،
پڪي پريتڙي جا اڏاري نہ سگهبا.

ٻنا پيار جي پل گذاري نہ سگهبا.
اِهي نيڻ نهنا وساري نہ سگهبا.

—

⊛

رات کي رولي وئو، رولي وئو
سوجهرو ڳولي وئو، ڳولي وئو

سياستي سُربات جا
ڪاروباري ڪاٺ جا
وڏيراڻي واٽ جا
مذهبي ٻوسات جا
راز سڀ کولي وئو، کولي وئو

ڏاڍ جا، ڌڪاءِ جا
سچ جي ورجاءِ جا
روح جي پڙلاءَ جا
پيار جا، پرچاءَ جا
ٻول کي ٻولي وئو، ٻولي وئو

زندگيءَ جي شام آهي
چار چسڪي جام آهي
نينهن نا تمام آهي
سونهن کي سلام آهي
يار کي ڳولي وئو، ڳولي وئو.

—

وساري وينين

روح رلائڻ وساري وينين
ڇاتيءَ لائڻ وساري وينين.

اک اڙايئي
جيءَ جڙايئي
وک وڌايئي
توڙ نيائڻ وساري وينين.

ڪانگ اڏاريم
اڱڻ اجاريم
نيڻ وڇايم
پيرو لائڻ وساري وينين.

تنهنجو منهنجو
پرايو پنهنجو
اهنجو سنهنجو
سُور سٺائڻ وساري وينين.

ڏک ۾، سک ۾
ڏوَ ۾، ٻک ۾
سڙ ۾، لک ۾
ونڊ ورهائڻ وساري وينين.

علم فضل جون
شاهہ سچل جون
گيت غزل جون
ڳالهيون ڳائڻ وساري وينين

ميلا عيدون
آس اميدون
درشن ديدون
قرب ڪمائڻ وساري وينين.

ثقافت ڏهاڙو

ملهايو ثقافت ڏهاڙو ملهايو
اها ٽوپي، اجرڪ پلي واپرايو.
مگر مامرن تي نظر پي ڄمايو
سيتا سچي سنڌ جي آزمايو.
ملهايو ثقافت ڏهاڙو ملهايو.

بقا ٻاهمي آ ثقافت اسان جي،
محبت ۽ عزت روايت اسان جي،
سدا سادگي، نياز نوڙت اسان جي،
اِهي آدرش پيا سدائين نڀايو،
ملهايو ثقافت ڏهاڙو ملهايو.

ثقافت اسان جي آ مهمان داري،
سدا پرتِ پنهنجن پراون سان پاري،
تڏي آيو ويري تہ سيڪجھ وساري،
اهي ريتون رسمون نہ پنهنجون ڀلايو،
ملهايو ثقافت ڏهاڙو ملهايو.

رواداري مذهب ۾، پنهنجي روايت
نہ فرقي پرستي، تشدد نہ وحشت
فقط آدميت، اسان جي عبادت
سبق صوفين جو هِنئين سان هنڊايو
ملهايو ثقافت ڏهاڙو ملهايو.

ثقافت اسان جي امن ۽ ڀلائي
اسانجو سچل ۽ سچل جي سچائي
ڀٽائي محبت آ، محبت ڀٽائي
منجهان مهر تِنِ جا مڙئي ڳُڻ ڳڻايو
ملهايو ثقافت ڏهاڙو ملهايو

—

سيئي لفظ مقدس ناهن

سيئي لفظ مقدس ناهن
لفظن ۾ ڪي لفظ نرالا
اونداهيءَ ۾ جڻ ته اجالا
جذبن ۾ جهونگاريل هوندا
سي ئي لفظ مقدس هوندا.

لفظن ۾ ڪي لفظ اشارا
معنائن جا متلاشي
هنگامن ۾ خاموشي
يا خاموشيءَ ۾ هنگاما
ڏاهپ سان سينگاريل هوندا
سي ئي لفظ مقدس هوندا.

—

الله ڄاڻي

چوٽ نياري
روز ڏياري
پيار پراڻي
الله ڄاڻي ...

ماضي ماريو
حال سنواريو
ساٿ سياڻي
الله ڄاڻي ...

ڏور رهون ٿا
سور سهون ٿا
ڄاڻي واڻي
الله ڄاڻي ...

جيءُ جهري ٿو
هانءُ هُري ٿو
هاڻي هاڻي
الله ڄاڻي ...

هاءِ وڇوڙو !
ساهه ۾ سوڙهو
سانجهيءَ ٽاڻي
الله ڄاڻي ...

ڳجهه ڳجهاندر
ماٺهوءَ اندر
ڪير ٿو ڄاڻي؟
الله ڄاڻي ...

جيون پٽ تي
ڪاش اسان کي !
ڪو تہ سڃاڻي
الله ڄاڻي ...

Soorih Mirani

⊛

وڇوڙن جي وصالن جي
نہ ٿيندي مُند ڪا آهي
خبر ڪهڙي خزائن ۾
خيال و خواب وانگي ٿي
اُمالڪ پنهنجي اڱر ۾
اچي نڪرن پرين پيارا
ائين پي ٿيندو ممڪن آ
پري برسات جي رت ۾
ٻهاني سان يا لاچاري
ڏئي ڪو داغ دوريءَ جو
وڇوڙن جي، وصالن جي
نہ ٿيندي مند ڪا آهي

—

Soorih Mirani

⊛

بادل تورو بيهہ!
الا او بيهہ!
پريتم منهنجو پنڌ ۾!

هيکر هُو اچي وڃي
من جي محفل مچي وڃي
روح نظر ۾ رچي وڃي
پوءِ ڪجان تون بيشڪ جل ٿل
سارو هيءُ سائيهہ

بادل تورو بيهہ!
الا او بيهہ!
پريتم منهنجو پنڌ ۾!

—

Soorih Mirani

⊛

هيءَ پل آهي اٽل
هيءَ پل آهي اٽل

جنهن ۾ آهيون تون ۽ مان
نيڻهن اسان جو نور جيان
جنهن جي ڪائي ڪالهه نه آ
جنهن جي ڪائي ناهه سُڀان
ليڪن جنهن ۾ جيئڻو آ
جيون ڪو صدين جي سمان
هيءَ سمورئي آهي سڄل

هيءَ پل آهي اٽل
هيءَ پل آهي اٽل

—

Soorih Mirani

درد وندو، آساندو ڙي
منڙو منهنجو ماندو ڙي

توکي ٿي تو جاڻي پيو
مُور نہ ٻئي کي ماڻي پيو
تو ڏي ٿي تو تاڻي پيو
هيڄ منجهان هيڪاندو ڙي

درد وندو، آساندو ڙي
منڙو منهنجو ماندو ڙي

—

Soorih Mirani



شاعري، الطاف انصاريءَ جو اباڻو ورثو آهي. شايد انهي ڪري ئي، معاشيات جهڙي خشڪ موضوع ۾ ايم.اي هئڻ ۽ اسلام آباد ۾ وڏي وقت کان رهڻ جي باوجود سندس شاعراڻي صلاحيت گهٽ نه ٿي سگهي آهي.

الطاف انصاري جو جنم هڪ ادبي گهراڻي ۾ ٿيو. سندس پرورش سائين نظير احمد انصاري جهڙي عالم پيءُ ۽ چاچي چنل انصاري جي هٿن ۾ ٿي. گهر توڙي ڳوٺ ۾ کيس ادبي ماحول مليو ۽ ملازم سروري جهڙي شاعر جي رهنمائي ملي. شاعريءَ جي ميدان ۾ پير رکيائين ته دادوءَ واري ادبي سنگت ۾ کيس استاد بخاري جهڙي مڃيل شاعر جي صحبت نصيب ٿي. الطاف انصاري آراضي ۾ ڊاڪٽر خان محمد پنهور جي علمي، ادبي ۽ سماجي سرگرمين ۾ شامل رهيو، پر ٿيو ائين جو پهرين پڙهائي ۽ پوءِ روزگار جي سلسلي ۾ الطاف انصاري اسلام آباد وڃي رهيو ۽ ائين نه رڳو ادبي عمل کان پر اسان سڀني کان پري هليو ويو.

لڳ ڀڳ ٽن ڏهاڪن کان پوءِ، هن گمشده شاعر کي نيٺ اسلام آباد ۾ ڳولي وڃي لڌم. ڪجهه عرصو اڳ، سوشل ميڊيا تي سندس شاعري پڙهڻ جو موقعو مليو ته دل کي اها ساڳي تراوت آئي جيڪا ڪيئي ورهيه اڳ سندس شاعري پڙهندي محسوس ٿي هئي. کيس گذارش ڪئي سين ته پنهنجي پراڻي توڙي نئين شاعري کي گڏ ڪري ڪتابي شڪل ڏئي محفوظ ڪري. اڄ الطاف انصاري جو هي پهريون شعري مجموعو ”آءُ نه ڪي سپنا آئون“ اوهانجي هٿن ۾ آهي. هڪ سٺي شاعر جي اها خوبي هوندي آهي ته سندس خيال پڙهندڙن جي ترجماني ڪن. الطاف انصاري جي شاعري پڙهندي توهان کي محسوس ٿيندو ته ڄڻ اهي احساس ۽ خيال توهان جا ئي آهن.

موسمن جي گردشن کان ماورا
هڪڙو ساڻون ٿو سدا مون ۾ وسي

الطاف انصاري ڪافي عرصي کان اسلام آباد ۾ رهي ٿو پر پڙهندڙ ڏسي سگهن ٿا ته اڄ به هو پنهنجي نج ٻولي ۾ لکي ٿو. شهر جي هوا سندس فن کي ڪيري نه سگهي آهي. فطرت هميشه شاعرن لاءِ اتساهه جو ذريعو رهي آهي. الطاف انصاري جي شاعري ۾ فطرت ۽ ڌرتيءَ جا جيئرا رنگ ڏسڻ ۾ اچن ٿا: ڪاڇو، ڳاچ، منڇر ۽ ڪارونجهر جا عڪس نظر اچن ٿا. مونکي اميد آهي ته الطاف انصاري جي پيار جو پورهيو پڙهندڙن وٽ مقبوليت ماڻيندو ۽ سندس هي ڪتاب، سنڌي شاعريءَ ۾ اها حيثيت حاصل ڪندو، جنهن جو هو مستحق آهي.

ناصر علي پنهور

Rs.700/- ISBN # 978-627-506-058-1

نالو : صاحب خان ميراڻي

ولد : بهادر علي

ادبي نالو : سورهہ ميراڻي

جنم : 08.04.1975

جنم هنڌ : ڳوٺ ڪبڙو، تعلقہ رتوديرو، ضلعو لاڙڪاڻو.

حال ائڊريس : غريب آباد محلہ نئون ديرو. تعلقو رتوديرو.

تعليم : M.A سنڌي

ڪرت : اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر آف سنڌ پوليس

اڻ ڇپيل ڪتاب

ڌرتيءَ جا رکوالا (ٻارن لاءِ ناول) 1990ع

سائر سهس ڳجهہ (شاعري) 2021ع

برهہ منجهارا بوند (شاعري) 2022ع

صاحب ديوان سنڌي شاعر (تحقيق) اڻ مڪمل

موبائل نمبر : 0344 – 3919786

0300 – 3404488

اي ميل : sahibkhanmirani0@gmail.com

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ”سورهه“ ميرائي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488